منصور ملک

أُمي تريد ولداً وبنتاً

الا مان اُڏري ويندو سانءِ

(شاعري)

منصور ملڪ

سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي

هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: الا مان اڏري ويندو سانءِ
موضوع: شاعري
مصنف: منصور ملڪ
ڪتاب نمبر: 11
ٽائيٽل ڊزائين: جي.اين قاضي
ڇاپو پهريون: سيپٽمبر 1999ع
ڇپائيندڙ: سنڌ ادبي اڪيڈمي، ڪراچي
فون: 7782597
ڇپيندڙ: الجنت پريس فون: ۷۷۷۳۳۸۰
ڪمپوزنگ: وردس ڪمپوزر
6/92، غفور چيمبرس، عبدالله هارون روڊ
صدر ڪراچي فون: 7771618

قيمت: -/ 100 رپيا

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

وائي

پـونءِ نـــ آئـــي پـــانءِ،
الا مان اڏري ويندو سانءِ!
مون سان جاڙ نـ ڪر اوجيڏا ، سڄ ٿو آءُ چوانءِ،
الا مان اڏري ويندو سانءِ!
ڳائي مُنهنجا گيت پيو پو، مونکي ياد ڪجانءِ،
الا مان اڏري ويندو سانءِ!

شيخ اياز

اڻپنا

- جيجل امڙ جي نان ۽
جيڪا مٺيءَ ماءُ جي جهوليءَ ۾ آرامي آهي.

- پنهنجي ننڍي ٻاءُ "بابوءَ" جي نانءُ
جيڪو وقت ڪان اڳ اسان کان وڇڙي ويو.

- بابا سائينءَ جي نانءُ
جنهن جي ٻاجهه جو هٿ ايڏا تائين مون مٿان آهي.

- هُن جي نانءُ
جيڪوئي مُنهنجي شاعريءَ جو محور آهي
جنهن جو ڪو بہ نانءُ نہ آهي
جنهن جا الاهي نانوَ آهن -
جن جي ڄانوَ مون مٿان
سدائين رهي ٿي.

منصور ملڪ

ترتيب

1. خام خيال	ستار	7
2. مهاڳ	رکيل مورائي	11
3. تون هي تون	منصور ملڪ	21
4. غزل		33
5. وايون		113
6. نظم		133
7. هائيڪا		152
8. آزاد نظم		155
9. قطعات		165

خام خيال

ڏات، ڏاڻ جي محتاج نہ ٿيندي آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن ڏاڻ، ڏات جو ڳيجهو ٻٽبو آهي. چاکاڻ تہ ڪيترائي خيال، خوبصورت روپ ونڻ لاءِ آتا هوندا آهن، پر ڏات جي ٽيڪ نہ هڻڻ ڪري، بنا ٽڙڻ جي مرجهايل مکڙيون ٻڌجي، گهوماتا ڪائي ڪائي، نيٺ ساٿا ٿي، ڇڏي، فضا ۾ وکري ويندا آهن. جيتوٽيڪ لفظ پٽ ڳيرن جيان ڳنڪاريون ڪندا، جهلن ۾ مصراعن جي ڪوڙڪين متان ڦيرا پائيندا رهندا آهن، پر اهي ڪوڙڪيون ڏات جو ڏيڍ ۾ چاڙهہ نہ ملڻ ڪري، انهن پٽ ڳيرن کي جهڻي نہ سگهنديون آهن.

جڏهن ڏات ۾ ڏاڻ جو سنجوڳ ٿيندو آهي تہ خيالن ۾ جذبن جو اظهار لفظن جي مالهائن مان ٽپڻ لڳندو آهي، پوءِ اهي لفظ پيار ٿيندا آهن، پرياڻ ٿيندا آهن ۾ ڪڏهن نفرت جو نماڻ ڪندا آهن ۾ اسان جي دوست بدر قريشيءَ چواڻي:

اسان جڏهن پي لکيا
لفظ جاڳي پيا.

پوءِ جڏهن لفظ جاڳي پوندا آهن تہ انسان جون نندون نهوڙي نيندا آهن ۽ خوبصورت نظر، بهترين نثر جنم وٺندا آهن. انهن کي پنهنجي اندر جي آويءَ ۾، پيڙائن ۽ پوڳنائن جي توَ تي سيکي، ريتو ڪري، جڏهن کو شاعر، اديب، لفظن کان ڳالهارائيندو آهي تہ هر پڙهندڙ جي اندر ۾ چپ هٽي ويئل گونگن جذبن ۽ اڏمن کي اظهار خاطر هڪ سهارو ملي ويندو آهي. انسان کي هر وقت ڪنهن نہ ڪنهن سهاري جي ضرورت پوندي آهي. ان سهاري ڏيڻ لاءِ ڪڏهن ڪن ٻانهن جي وراکي جي ضروت محسوس ٿيندي آهي تہ ڪڏهن سندر گيت، غزل يا ڪنهن نظر کي سهارو ٻڌائي. انسان ڏک جا ڏونگر ڏاري وجهندو آهي.

"آڏو ٽکر تر، متان روهہ رُتيون ٽئين."

هاڻ اها سڄي تمهيد جنهن لاءِ ٻڌي اٿم، اهو آهي اسانجو دوست "منصور ملک"، جنهن وٽ جڏهن عشق آرائينءَ جيئن جهول پري آيو تہ هن ست بسم الله پڙهي، ان جي آجيان ڪئي، پوءِ ٽيو ڇا؟

لکل عشق منهنجو ٽيو نيٺ ظاهر،
محبت جا اڏمان اٽاري ڇڏيئي
ٽيو جلوو تنهنجو جڏهن کان پرين آ،
مٺي نند منهنجي اڏاري ڇڏيئي.

جڏهن نينهن، نسنگ ٿي نروار ٽيندو آهي تہ عاشق کان ڇاڇا نہ وسري ويندو آهي ۽ ڪهڙا ڪهڙا الهامَ ٽيڻ لڳندا آهن.

شاعري نازل ٿئي ٿي،
عشق جو الهامَ ٿي ويو.

اسان جو هي معصوم ٻارن جهڙو يار، ٽوري تي ريجهي پوڻ واروهوندو آهي. هن کي ريجهائڻ لا ءِپاند ڳچيءَ ۾ پائڻ جي ضرورت نہ

پوندي، ڇو جو ڪيس هريرو رَسڻ جي عادت ڪانهي. شيخ ايياز جي هن بند جيئن:

جي نہ ريجهي رڻو تہ پاند ڳچيءَ پاءِ،
نينگري تو ڪيا گهٽا ئي ناڙ-

هي اسان جو دوست، پنهنجي پڙهائيءَ جي پياس ڇهائڻ لاءِ تاشقند وڃي سهڙيو هو ۽ هر حسن جي پرستار جيان ۽ سونهن جي شيدائين جيان، ڪيترين تان فدا ٻہ ٿيو ۽ نيٺ جدا ٻہ ٿيو. پوءِ ڪٿي تاشقند (روس) ۽ ڪٿي سنڌ. هتي وري حسن جا حملا ئي نرالا تہ نينهن جا نيزا ٻہ نوان. سو اسان جي دوست کي هي ڪجهہ محسوس ٿيڻ لڳو.

نہ موت ئي اچي ٿو، نہ ڪا موڙ آئي،
انهيءَ حال "منصور" مرندي ڏٺوسين.

هُتي تاشقند ۾ تہ هئي هر ڪنهن کي آزادي، اُتي حسن ٻہ خيالن جيان آزاد هوندو آهي ۽ اسان وڙ، سنڌ ۾ خيالن تي ٻہ پهرا آهن. اهڙيءَ حالت ۾ ٻہ هن يار پنهنجي خيالن کي ڪافي اڏاريو آهي ۽ هي ٻہ سرجيو اٿس:

منهنجو مذهب ۽ ايمان تون ئي پرين،
دين پنهنجو مٽڻ، ڪا چگي ڳالهہ آ.

عشق جڏهن ڏرم بڻجي ٿو وڃي تہ مذهب جون سموريون رسمون نڇ سمان ياسڻ لڳنديون آهن. پوءِ عاشق جو هي حال ٿيڻ ٻہ ڪا حيرت جي ڳالهہ نہ لڳندي آهي.

اسان هڪڙي بوسي جي بدلي ڪيون هن،
اي "منصور" سِر جون سخائون سخائون.

عاشق سخي ٿيندو آهي، ڪڏهن ٻہ ڪو عاشق موڏي نہ ٿيندو آهي. اسان جي دوست منصور ملڪ وڙ ٻہ سخاوت آهي.

آخر ۾ مان اوهان کي ٻڌائيندو هلان تہ جيتوڻيڪ منصور ملڪ

ڪيترن پڙهندڙن لاءِ نئون آهي، پر هو نئون نڪور بہ ناهي، هن ايل.ايم.سي جامشورو ۾ پڙهائيءَ دوران، شاعريءَ سان ناتو ڳنڍيو هو. اها جاءِ ئي اهڙي آهي، جتي حسن تي ڪوبہ پهرو نہ هجي، جتي چوڪريون پنيورين ۽ پوپٽن جيان چوڪرن جي چؤگرد ڦيرا ڏيندیون هجن تہ ڪنهن کي ڪاريءَ ڪاڏو آهي جو انهن کان نظرون چورائي سگهي. انهيءَ حسن ۽ سنڌ جي سورن جو ميلاپ ٿيو تہ عبدالقيوم ملڪ، "منصور" ملڪ بٹجي دوستن اڳيان نروار ٿيو. هن اتي ڪاليج جي ميگزين ايڊٽ بہ ڪئي ۽ ان وقت جي رسالن ۽ اخبارن ۾ سندس شاعري ڇپجڻ لڳي. اڄ اها ۽ ڪجهہ نڪور لکت سهيڙي اوهان جي هٿن ۾ "الا مان اڏري ويندو سانءِ" جي نالي ڪتابي صورت ونڊي، اوهان سان ڪجهہ ونڊڻ ٿو چاهي، اميد تہ اوهين کيس نراس نہ ڪندا.

سنڌ ادبي اڪيڈمي ڪراچي، پنهنجو يارهون ڪتاب، "منصور" ملڪ جي اظهار کي ڏنو آهي. اميد تہ پڙهندڙ جوڳي موٽ ڏيندا.

ستار

ڪراچي
۱۴ سيپٽمبر ۱۹۹۹ع

مهاڳ

ڊاڪٽر عبدالقيوم "منصور مَلڪ" کي مان ڏاڍن کان سڃاڻان ٿو. هو سوويت يونين تاشقند يونيورسٽيءَ ۾ اعليٰ تعليم پڙهڻ لاءِ ويل هُئو ۽ اتان سائين راشد مورائيءَ کي ڊگها خط لکندو هُئو. هو شاعر به آهي. اها خبر مونکي ڪجهه دير سان پئي. پرسندس خط هڪ دور جي سفري تاريخ هُئا! (افسوس جو اهي سمورا خط سائين راشد کان هيٺ ٽي ويا) ۽ انهن خطن مونتي اهو اثر ڪيو جو آنءَ سندس پرپٽ دوست ٿيڻ ويس. جيتوڻيڪ هو مونکي نه سڃاڻندو هُئو! ۽ مان به ايڏا نندو ۽ هار هوس ۽ لکڻ مس شروع ڪيو هوم. انهيءَ دور ۾ سندس لکيل خطن جي مفهوم سان مان ڏاڍن به سهمت ڪونه هوس ۽ هاڻ به نه آهيان (ڏاڍن ته منصور پاڻ به اهو ڪو نه رهيو آهي) پوءِ به انهن خطن ۾ جيڪا معلومات هوندي هُئي، اها منهنجي نندي ڏهن کي سَڄَ پڄَ اچرج ۽ وجهي ڇڏيندي هُئي. مون لاءِ اهي خط سندس پهرين سڃاڻپ هُئا. جيڪا پندرهن ويهن سالن کان پوءِ به برقرار آهي. ويجهڙ ۾ هڪ عجيب اتفاق ٿيو.

سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ جي هفتيوار گڏجاڻين ۾ ڪجهہ وقت غير حاضريءَ کان پوءِ اچڻ ٿيو. رجسٽر تي "منصور ملڪ" نالو پڙهي ڪجهہ عجب لڳو ۽ ذهن تي وري سندس خطن جي ياد تازي ٿي وئي. ائين ٻيءَ گڏجاڻي ۾ مون ساٿس هٿ ملائي چيو "اوهان منصور ملڪ آهيو نہ ؟" هُن جي ها چوڻ تي مون ڪيس پنهنجو تعارف ڏنو هئو ۽ ڪجهہ ئي ملاقاتن بعد ائين محسوس ٿيو جڻ سالن کان ملندا رهيا آهيون. بس ڪجهہ سال وچ ۾ روڻي پئجي وئي هئي سندس اڳ واري سڃاڻپ ۽ اڄ هو ڪٽي بيٺو آهي! اڄ اسين گهٽي ياڳي هڪ ٻئي جي خيالن جي بنهہ ويجهو هُئاسين ۽ ٻيءَ ڪچهريءَ ۾ ايترو ويجهو ٿي ويٺاسين جو وچ وارو ڪُجهہ سالن جو مُفاصلو پنهنجي اهميت وڃائي ويٺو.

اها ويجهڙائي بہ عجيب ڇُجي. اهو بہ اتفاق ڇُجي تہ "منصور" ان بستري تي هُئو. جنهن بستري تي ڪجهہ ئي وقت اڳ مرشد اياز پنهنجي زندگيءَ جا اهم انڪشاف ڪيا هُئا! ۽ ذري گهٽ پنهنجي پوئين سموري فڪري وابستگيءَ تان هٽ ڪٽي ڇڏيو هُئو. بلڪل ائين "منصور ملڪ" ان ساڳئي ڪمري ۽ ساڳئي بستري تي ڪُجهہ لفظن جي ڦيرگير سان ساڳي هولي ڳالهائي هُئي ۽ بلڪل ساڳيءَ طرح پنهنجي پوئين وابستگيءَ تي ڪراس لڳائي ڇڏيو هُئو!

7777281 ۽ پريان ڪنهن ننڍڙي ٻار جو آواز آيو هيلو!! مون نمبر وري ورجايو .. ۽ ننڍڙي سڏ ڪري رسيور ڪنهن ٻئي ڪي ڏنو هيو. ادا مان "رڪيل مورائي" ٿو ڳالهايان. ڊاڪٽر "منصور ملڪ" سان ڳالهائي سگهجي ٿو؟ ۽ پريان مردانو آواز آيو. " سائين!، ڊاڪٽر صاحب کي دل جو دورو پيو آهي. هو ستن ڏينهن کان جناح اسپتال جي دل واري شعبي ۾ آهي. مان حيران هوس ، ان ئي شام جو ڪارڊيو ويسڪيولر C.C.U- 2 ۾ بيڊ نمبر6 تي مان "منصور ملڪ" سان ڪچهري ڪري رهيو هوس. هو ان ئي جڳهہ تي هُئو، جتي ڪجهہ

عرصو اڳ مرشد اياز هئو ۽ جتي ٿي مان ۽ ڪلثوم ساٽس ملڻ ويا هئاسين ۽ هُن زندگيءَ جي ڪجهہ نون رُخن جي آگاهي ڏني هئي. اياز شايد گهٽي ۾ گهٽو ٻہ ان اڻيڪ ڪان پوءِ ئي لکيو هُئو. اڄ "منصور ملڪ" ٻہ ان جڳهہ تي آهي ۽ شايد گهٽي شاعري ٻہ ڪئي اڻائين ڪڏوڪڙ اهو انڪشاف ٻہ ڪيو اڻائين تہ هيءَ شاعري مونکان ڪاپي طاقت لکرائي رهي آهي. جنهن کي سهيڙي نالو ڏنو ويو آهي " الا مان اڏري ويندوسانءِ" ڪڏهن ڪڏهن اتفاق هڪجهڙا ٿيندا آهن.

"منصور ملڪ " کي سندس هن تجربي مان جيڪي پَڙِ پيو آهي، اهو ئي سندس ڪيان (علم) آهي جنهن مان ئي سندس روحاني اسات ٻجهڻ واري آهي، ڇو تہ روحاني ۽ سڃائي واري تعليم هِتان هُتان ڪانہ ملندي آهي، خاص ڪري ان ماڻهوءَ کي جنهن جو واسطو/ سلسلو منصور حلاج جي پوئلڳن سان ملندو هجي. هُن ماڻهوءَ جي روحاني تسڪين يا" ڪوءِ يارِ ۾" آهي يا" سوءِ دار ۾" آهي ۽"منصور ملڪ" في الحال پهريون رستو قبوليو آهي. جنهن سان سندس اڄ جو جيون سڳلو ٿيڻ جي اميد وابستا آهي ۽ جنهن جوئي هي ڪرشمو آهي جو "منصور ملڪ" هڪ مهيني اندر اسانکي شاعريءَ جو هڪ سُهڻو ڪتاب ڏنو آهي، هن موقعي تي مون کي اياز جي هڪ سِٽَ ياد اچي رهي آهي،

عشق اسان وٽ آرائينءَ جيئن آيو جهول ۾ري.
ڪوئي ڪيئن ڪري.

ساڳي وقت "منصور " جو هڪ شعر ٻہ ايري آيو آهي،

هُئي ڏاڍي بيچين حياتي،
"هُن" جي آئي نيٺ ڪلڻ ٿيو.

"هُن" لفظ کي سمجهڻ گهرجي ۽ جڏهن اهو سمجهہ ۾ اچي ويو تڏهن منصور جي شاعري جو وڏو حصو سمجهہ ۾ اچي ويندو.

سوهي، سوهو ، سوپرين سوپساهہ.
(شاهہ)

پٽائي جي ست وانگي منصور جي شاعريءَ جو محور "هو" آهي. ان کري "منصور" پنهنجي شاعريءَ جي سمورن اشارن، ڪنايين، تشبيهن ۽ تمثيلن ۾ "هُن" سميت موجود آهي. ۽ "هو" ئي آهي جو سندس شاعريءَ جي هر رنگ ۾ نمايان آهي.

منصور ملڪ اڄ جتي آهي انْ مان اهو اندازو لڳائڻ آسان آهي منجهس قدرتي شاعراڻي ذات ته موجود هُئي، پران جو ظهور "هُن" کي پسڻ کان پوءِ ئي ٿيو آهي. ائين آهي ڇا ته "منصور" ملڪ کي ڪجهه ٻيو ٻه ڪپندو هُئو؟ جنهن جي حاصلات کيس ڪٽان کان ڪٽي پٽکايو آهي. (ذهني ۽ نظرياتي طور) پر کيس جيڪي ڪجهه جتان ملڻو هُئو، اهو کيس اتان ئي مليو آهي. ڇو ته سندس سموري شاعري پڙهڻ کان پوءِ مان جنهن نتيجي تي پهتو آهيان، اهو هيءُ آهي ته: کيس جتان جيڪي ڪُجهه ملڻو هُئو اهو ملي چڪو هُئو. "هُن" وٽان کيس جيڪي مليو آهي، اهو بنهه الڳ ٿلڳ آهي. کيس اڳيئر جتان ٻه ڪُجهه مليو اها سندس مستقل منزل ڪانه هُئي. اها وقتي مهمان سراءِ هُئي. جنهن کي ٻه "منصور ملڪ" ڏاڍي اعتماد سان اظهاريو آهي. سندس پراعتماد پرسائُئي وقت بنهه سادگيءَ واري اظهار پويان سندس دل کي لڳل گهري گهاءُ جو لِکڻ ممکن نه رهيو آهي ۽ اهو گهاءُ ئي آهي جيڪو هن جي شاعريءَ جو جنم داتا آهي جيتوڻيڪ هن پنهنجي نظرياتي وابستگيءَ وقت ٻه ڪُجهه لکيو جيڪو ٻه هن ڪتاب ۾ شامل ڪيل آهي پرسندس تازي شعر ۽ پوئين شعر ۾ رات ڏينهن جو فرق آهي، سندس پوئين شاعريءَ ۾دماغ جو دخل آهي ۽ تازيءَ شاعريءَ ۾ دل جو درد آهي. هونئن شاعري اها محبوبه آهي جو هر شاعر چاهيندو آهي ته سندس پيشانيءَ تي لتڪندڙ چنبيليءَ جهڙين چڱن کي چُهي سگهي، سندس گلابي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي جهومي سگهي، سندس نگاهن جي خمار کي پنهنجي اکين جي پيالن ۾ اوتي سگهي، سندس ڳاڙهن چپن کي چُمي سگهي، سندس سريرکي پاکر ۾ پري بادلن جي بلندين

تائين کٽي ويجي ۽ جڏهن سندس چپن تي مرڪ ايندي آهي تڏهن ڪائنات جهومي اٿندي آهي.

"منصور ملڪ" جي شاعريءَ ۾ سندس خانگي درد ڪُجهه وڌيڪ جڳهه والاري آهي، اهو ان ڪري به جو هر تخليقڪار جي سرجڻ پويان هُن جو خانگي درد ئي آهي، جو بنيادي اهميت رکي ٿو. هونئن سندس سموري شاعري پڙهبي ته ان ۾ گهر جو غُم، گُليءَ جي ڪُتي، ديش جو درد، انسانيت جي ڪرندڙ حالتن تي افسوس جو اظهار به ملندو.

هڪ امڪان اهو به آهي ته اڄ جو سنجيده پڙهندڙ "منصور ملڪ" جي سموري شاعري پڙهڻ کان پوءِ اهو چوي ته شاعر صنفن ۽ موضوعن جو توازن برقرار نه رکي سگهيو آهي؟ ته ان لاءِ وري به هن شاعريءَ کي ۽ شاعر کي سندس ارد گرد ڏسڻو ۽ جا چڻو پوندو، متين حوالي ۾ مان هڪ وضاحت ڪندو هلان ته اسان جي هن شاعر دنيا جي مختلف ٻولين جي ادب جو مطالعو ڪيو آهي ۽ ڪافي ٻوليون ڄاڻي به ۽ گهڻائي ملڪ گهمي به آيو آهي، خاص ڪري اولهه وارا ملڪ ، ان سموري روئداد هن شاعرتي ادبي طور اهو اثر وڌو آهي جو هو پنهنجي شعري صنفن سان انصاف نه ڪري سگهيو آهي. مثال طور سندس وايون صنف جي لحاظ کان وايون آهن پر موضوع جي لحاظ کان نظم جي ويجهو آهن، سندس ڪجهه غزل به غزل جي فارم ۾ لکيل نظم آهن، اهو سندس ٻاهرئين مطالعي جو سندس شعري صنفن سان ڏاڍ آهي ضرور پر ان جو ڏوهيم به شاعر تي گهٽ آهي. اهم سبب اهو آهي تي"منصور" ملڪ ويهارو ڪن ورهيه ادبي دنيا کان ڪٽيل رهيو آهي جنهن ڪري سندس اندر جو فنڪار ڪُجهه وقت خاموشيءَ جي نند ۾ سُتل رهيو، هاڻ جڏهن ڪنهن نازنين جي نهار سندس دل جو دروازو کڙڪايو آهي ته سندس اندر وارو شاعر پنهنجي سموري آب تاب سان ۽ سموري شاعراڻي حُسناکيءَ سان اسان آڏو آيو آهي.

اسانجو پڑهندڙ جيڪڏهن اهو چوي تہ اسانجي هن شاعر جو لهجو اڄ جو مروج لهجو نہ آهي تہ ان لاءِ بہ مان مٿي ڄاڻائي آيو آهيان تہ اسانجو هي شاعر ٻاهرئين ادب لاءِ ڪاپيل هُئڻ ڪري ۽ ٻاهر رهڻ ڪري پويان ويهارو ورهيہ سنڌي شعري ادب سان لاڳاپي ۾ نہ رهيو آهي اُن ڪري ڪيس اڄ جي مروج شاعراڻي لهجي جي پروڙ گهٽ آهي. سنڌي شاعري اڄ جنهن تڪنائي جي ضد ۾ آهي اهڙي اڳ۾ نہ هُئي، اڄ جي سنڌي شاعري روايت کان هٽي، ڪنهن بہ اجائي وڏاءِ ۽ ناهم نوهہ کان سواءِ، بلڪل سهج سپاءِ ٻوليءِ ۾ (تڪي يا مِٽي) پرنڇ احساس جي سطح تي اڇي بيٺي آهي خاص ڪري غزل!

اڄ جو غزل پنهجو پاڻ ۾ اڄ جون سموريون ڪڙيون توڙي مٽيون حقيقتون ضم ڪري ويو آهي ۽ ڏاڍي بردباريءَ سان اهو بار ڍوئي رهيو آهي. ائين بہ نہ آهي تہ ڪو "منصور ملڪ" ان سموري غزل جي يا سنڌي شاعريءَ جي ماحول کان اڻ واقف آهي سندس هيٺ ڏنل غزل جا بند اڄ جي سنڌي غزل جي لهجي جي پورائي ڪن ٿا.

جيڪو چوڻ چاهين ٿو ٻول
مٺڑاپنهنجا چپڑا کول
شيشي جهڙي منهنجي دل
چوٽو ڪيڏين سمجهي ٽول

پنهنجي زلفن جي پاڇي ۾
هڪ گهڙي آرام ڪرڻ ڏي

تنهن هوندي بہ "منصور ملڪ" جنهن دور ۾ باقائدي لکيو، ان سڄي دور جي شعري ادب جي سندس شاعري تي اڻ مٽ ڇاپ آهي سندس گهٽي شاعري ان دور جي نمائندگي ڪري ٿي. ان دور جون سياسي حالتون جن جي ضد ۾ سنڌ رهي آهي، اُن دور جو مروج لهجو

فکر سڀ جو سڀ سندس شاعريءَ ۾ زوردار نموني ايري بيٺو آهي. اڄ جي پڙهندڙ جي تقاضا جي باوجود جيئن ته هي "منصور ملک" جو پهريون ڪتاب آهي، ان ڪري سندس پوئين دور جون سموريون لکڻيون هن ڪتاب ۾ شامل ڪيون ويون آهن، جيئن اهو دور به رکارڊ تي رهي ۽ اهي لکڻيون به محفوظ رهن. پوين شعرن کي هن ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ مان هڪ ٻيو فائدو اهو به ٿيندو ته پڙهندڙ شاعر جي شعري ارتقا جو اندازو بخوبي لڳائي سگهندو. ڪتاب ۾ شامل نظر ۽ وايون لڳ ڀڳ ان دور جون آهن جنهن کي سنڌ جو اونداهو دور چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو. ون يونٽ وارو دور ۽ ان کان ڪجهه پوءِ وارو دور اهو به شعر واضح ڪن ٿا. منصور ملک بنيادي طور ساهتي پر ڪٽي جو آهي، ان ڪري سندس ٻولي صاف سٿري، لهجو سرل، سڌو، اظهار ۾ سادگيءَ گاڏڙسچائي. مان سمجهان ٿو منصور جو سادو اظهارئي سندس سچي فنڪار جي ضمانت ڏئي ٿو.

منصور جا ڪجهه غزل پڙهي انهن جي ڪافيءَ ۽ ردیف تي سوچي سندس شاعريءَ جي فن تي ظابطي هجڻ جو اندازو به ڪري سگهجي ٿو.مثال طور هيءُ غزل

سنڌ جا ڪيت ۽ گهر سلامت-
شال رهن، سي برسلامت-
سنڌڙيءَ جا اوجنگي دودا،
ٽُنهنجي پڳ جا وَرَ سلامت-

مٿين غزل جو قافيو ۽ ردیف جيتوڻيڪ بار بار استعمال ٿيو آهي. تڏهن به منصور جي اظهار کي ڏسي ۽ شعر ۾ قافيي ۽ ردیف جي مظبوط جڪڙ کي ڏسي اهو اندازو لڳائي سگهبو ته ڪيس فن جي ڄاڻ به آهي. اصل ۾ جنهن انداز سان پڙهندڙ شاعري پڙهي ٿو يا جيڪي پابنديون هو شاعريءَ تي لڳائي ٿو، انهن جي شاعر کي ڄاڻ نٿي رهي ، پرهن ڪتاب ۾ شاعر حرفن کي ڪيرائڻ يا حذف ڪرڻ واري اجازت

مان ڪُجھ وڌيڪ فائدو ورتو آھي، ٻيو تہ ھن شاعر ڪجھ غير مروج وزنن تي بہ لکيو آھي، جيڪي اڄ جي پڙھندڙ جي ٽيسٽ جا نہ آھن يا پڙھندڙ جي ظابطي ھيٺ فوري نٿا اچن مثال طور ھي غزل

دلڙي ڦري دلبر پوءِ ڏکارڻ بہ چگو ناھ!
ٻائڻ نہ پچي ٿو تہ ڏتارڻ بہ چگو ناھ!

يا

ھُن ساڻ گڏ رقيب آھي چو؟
گلن سان گڏ ٽيو خار چوآ؟

مان ورجايان ٿو تہ

"الامان اڏري ويندوسانءِ" ڪتاب اھڙن شعرن جومجموعو آھي، جن کي پڙھي اسانجو پڙھندڙ ڪنھن بہ مونجھاري ۾ پوڻ کان آجو رھندو ھن ڪتاب جي گھڻن شعرن ۾ اڄ جي زندگيءَ جي نعمت ۽ اذيت سوچ ويچار / ۽ آچار وھنوار/ رشتن جي نئين تشريح جون ڪيئي تصويرون شامل آھن، جن ۾ جدت جا سنڌي لفظ / فقرا ۽ فيشن زده موضوع غير حاضر آھن، جنھن ڪري شعر پڙھندي اجنبيت جو احساس نٿو اُپري ۽ نہ وري مالي خوشحاليءَ جي نمائش ظاھر ٿئي ٿي، البت ڪٽي ڪٽي شاعر جي خوشمزاجي شعر ۾ گسي آئي آھي، جئين تہ ھيءُ شاعر جو پھريون ڪتاب آھي، ان ڪري ھيءَ سندس پھرين سچاڻپ آھي، اھا سچاڻ ڪيترو اثر دار رھي ٿي ان جو انتظار آھي. اصل مسئلو ان سچاڻپ جي احساس ڏيارڻ جو آھي، ۽ اھو احساس اھو آھي تہ ھن شعرن ۾ ذھني ولوڙ جي بوءِ نہ ايندي، نہ لفظ بازي نہ ترڪيب جون ڪثرتون ۽ ڪمال، مطلب تہ ھيءَ شاعري مصنوعيت جي عيب کان آجي نظر ايندي.

۽ اھي چند خصوصيتون ٿي آھن جيڪي شاعر جي معيار / درجو مقرر ڪرڻ ۾ ھٿي ڏين ٿيون شھيد عبدالرزاق سومري جي نانءُ ھڪ نظم ۽ مولانا عبيدالله سنڌي جي حضوريم ھڪ نظم پڙھي ڏسجن يا

منصور جو ن وايون - جن جي بولي ۽ سنڌ جي ڪوناڻي جيان سادي سڀاجهي ۽ معصوم آهي.

هر شاعر پنهنجي سُجاڻ پاڻ جوڙيندو آهي، سندس درجو / معيار جو ماپو سندس لکڻين/ شعرن مان ئي ملندو آهي ۽ نه ٻاهرين وسيلن جي ذريعي جيئن عُهدا ۽ انعام وغيره . مٿين غير ادبي ماپن تي ڪنهن ۽ تخليقڪار جي تخليقن کي اعليٰ سڏڻ ياگهٽ معياري سڏي لوڻ ۽ ڪجهه اهڙي قسم جا ٻيا رنگين / اڍنگا طريقا.

سُني يا اعليٰ شاعر جي سجاڻ سندس موضوع - فڪر لهجي - فن جي پختگيءَ زبان جي استعمال- طرزِ بيان مان ظاهر ٿئي ٿي/ ان سان جڙي ٿي، ۽ اهڙي سجاڻ پيدا ڪرڻ لاءِ ابياس ۽ مشق جي سخت ضرورت پوي ٿي، ان کان اول اهم نقطو اهو آهي ته شاعر ۾ تخليقي قوت جي شمع روشن هُجي، جيڪا منصور ملڪ ۾ ڪنهن حد تائين آهي، پر سوال آهي، ته هو پنهنجي اهڙي مضبوط سُجاڻپ جوڙي سگهيو آهي؟ مان سمجهان ٿوته هو ان تجربي (process) مان گذري رهيو آهي، ان کان گهٽو پري ڪونهي، پر پوءِ ۽ ڪيس اڃاڪپل پنڌ ڪرڻو آهي. ڪي ليکڪ ته بنا وک کنئي ئي ماڳ تي پهچڻ جي دعويٰ ڪندا آهن، منصور اهڙي ڪنهن ۽ خوش فهميءَ ۾ مبتلا ڪونهي نه ئي هُن "وڏي" هجڻ جو ڀرم پاليو آهي.

اهو ۽ ممڪن آهي ته ڪي اديب منصور ملڪ کي نِراشاوادي ڪوٺين- پر اِتي ۽ هو اهو وساري ڏا ويهن ته جيترو ڪو زندگيءَ کي ويجهڙائيءَ سان ڏسندو ۽ سوچيندو اوترو ئي ڪيس حيات جي هر روشن گوشي ۾ اوندهه نظر ايندي، ان ڪري شاعر کي غم پرست يا نراشاوادي ڪوٺڻ بجاءِ حقيقت پرست ڪوٺڻ ئي ٺيڪ/ درست ٿيندو، چو ته هو جيڪي ڪجهه ڏسي وائسي ۽ محسوس ڪري ٿو، ان جي ئي لفظن ۾عڪاسي ڪري ٿو. "منصور" ملڪ جي هن ڪتاب کي پڙهي اهو احساس شدت سان محسوس ٿئي ٿو ته منصور پنهنجي جذبات،

سوچ، فڪر جي اظهار ۾ خود سان ايماندار آهي. ٻوءِ اهو ڪنهن کي وٺي توڙي نه وٺي ۽ اهو رويو ئي ڪيس اڳتي هلي سنڌي شاعريءَ جي هن خوبصورت گلدستي ۾ هڪ خوبصورت گل جي نڇي سڃاڻپ بخشيندو- اها اسانجي آس آهي.

مونکي اميد آهي ته منصور ملڪ جو هيءُ ڪتاب "الامان اڏري ويندو سانءِ" سنڌي شاعريءَ جي سنجيده پڙهندڙن وٽ پنهنجي انفرادي اهميت اوس ماڻيندو.

۽ اياز جي متين ست جي ٻاجهه جو هٿ اڳتي به منصور جي شاعريءَ تي رهندو ۽ بس!

رڪيل مورائي

1 سيپٽمبر 1999ع

بسم الله الرحمن الرحيم

تون هي تون.....

اڄ جڏهن مان پنهنجي ڪتاب جي باري ۾ ڪجهه لکي رهيو آهيان تڏهن محسوس ٿي رهيو آهي ته لکڻ ۾ پڙهڻ شروع ڪان وٺي منهنجي طبيعت جوحصو رهيو آهي . 66- 1965ع جي دوران مان روزانه عبرت اخبار ۾ هفتيوار" پارڙن جي باري" ۾ لکندو هوس، انٽر گورنمنٽ ڪاليج نواب شاهه مان ڪيم. جتي سنڌيءَ جي پروفيسر احمد ميمڻ صاحب (هالا واري) سنڌي شاعري ۾ ان جون صنفون وغيره خوب سيکاريون ۽ پوءِ مان 1970ع ۾ ڪاليج جي مخزن جو جوائنٽ ايڊيٽر ٿيس. نواب شاهه جي شاگردي واري دور ۾ سنڌي ادبي سنگت جي هفتيوار گڏجاڻين ۾ پڻ شرڪت ڪندو رهيس جتي نور عباسي، بشير بگهيو ۽ عبدالحڪيم ارشد سان ميل جول ٿيو. انٽر سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪرڻ سبب ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا نه ٿي سگهي

لحاظ S.V کورس ڪرڻ لاءِ سڪرنڊ جي ٽيچر س ٽريننگ ڪاليج ۾ داخلا ورتر جتي راشد موراڻي، مٽل ڪمالاڻي، خاڪي جويو، تاج جويو ۽ ٻين سان واقفيت ٿي جيڪا اڳتي هلي دوستيءَ ۾ تبديل ٿي . هي اهو وقت هوجومون ڪچو پڪو لکڻ شروع ڪيو. ان جي اصلاح ڪڏهن راشد ته ڪڏهن تاج ڪندو هو ۽ اهڙي طرح سڪرنڊ ۾ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ حصو وٺندو رهيس . هي وقت ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ جو هو تنهنڪري شاعري ۾ قوم پرستي ۽ وطن دوستيءَ جو عنصر ايري اچڻ فطري هُئو .

سڪرنڊ ۾ سنگت جي مشوري سان "منصور" تخلص پيو. S.V فرسٽ ڪلاس ۾ ڪرڻ بعد مونکي اسماعيل ينڊ اسڪول ۾ ماستري جو آرڊر ملیو هي اسڪول نواب ولي محمد ڪان چار پنج ڪلو ميٽرن جي فاصلي تي ڪچي ۾ هو هتي ست اٺ مهينارهڻ دوران مون ڪي سنڌ جي اصل خوش ڪيڪر ڪان علاوه راڄوڻن ۽ چوراٽن فيصلن ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جو ويجهڙائي ڪان مشاهدو ماڻڻ جو اتفاق ٿيو. اهو به منهنجي زندگيءَ جو هڪ سٺو تجربو هو جيڪو اڳتي هلي شاعريءَ تي ڪنهن نه ڪنهن طرح ضرور اثر انداز ٿيو. اديب سنڌيءَ جو امتحان مصطفيٰ اورينٽل ڪاليج نوان جتوئيءَ مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيو . انٽرجيڪا ٻيهر ڏني هيو ان ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿيس ۽ اهڙي طرح ماستري تان استعيفا ڏئي مون لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا ورتي ڊاڪٽريءَ جي سخت پڙهائيءَ سبب ادبي سنگت سان رابطو ته نه رهي سگهيو پر تنهن هوندي به ڪنهن حد تائين لکڻ پڙهڻ جو ادبي ذوق ڪوشش ڪري برقرار رکيو آيس.

پنهنجي آخري سال MBBS /78- 1977ع ۾ ڪاليج جو ميگزين سيڪريٽري چونڊجي ويس ۽ "لياقت" مخزن ترتيب ڏنو. ان عرصي دوران نماهي "لطيف" ٻڌ شروع ڪيو جنهن جو صرف هڪ پرچو ڪڍي سگهيس . ان سڄي عرصي دوران منهنجي شاعري ۽

کهاڻيون مختلف رسالن جهڙوڪ پيغام ، مارو ، لطيف ، سهڻي ۽ اڳتي قدم وغيره ۾ ڇپجنديون رهيون. هتي وري جيڪي ادبي دوست ٿيا انهن ۾ مولابخش جوڻيجو ، سليمان سولنگي ، عزيز تالپر ، نسرين جوڻيجو ، سريچند هرجاڻي گهائل ، محمد خان مخمور ، عنايت بلوچ ، خليل قاضي وغيره شامل هئا. ميگزين سيڪريٽري جي حيثيت ۾ 4 ڊسمبر 1977ع تي ايل. ايم. سي جي لطيف هال ۾ سنڌي ادبي ڪانفرنس منعقد ڪرايم، جيڪا ٽن نشستن يعني پهرين مشاعري جي نشست ٿي، جنهن جي صدارت تنوير عباسي ۽ مکيه مهمان استاد بخاريءَ جن هئا، ٻي نشست ڪهاڻين ۽ مقالن جي هئي، جنهن جي صدارت مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ مهمان خاص ظفر حسن جن هئا. ٽين ۽ آخري نشست راڳ رنگ جي هئي، جنهن جي صدارت اي.ايڇ ڪريم ميمڻ صاحب جن ڪئي. "سنڌي ادبي ڪانفرنس" جي رپورٽ نئين ٽهي فيبروري 1978ع واري پرچي ۾ شايع ٿي.

1979ع ۾ جناح اسپتال ڪراچيءَ ۾ منهنجو ميڊيڪل آفيسر جو آرڊر ٿيو جتي ست اٺ مهينا ڪم ڪرڻ بعد منسٽري آف ايجوڪيشن اسلام آباد منهنجو نالو اعليٰ تعليم لاءِ روس ۾ تجويز ڪيو ۽ اهڙي طرح جناح اسپتال مان استعيفا ڏئي 9 - ڊسمبر 1979ع تي ڪراچيءَ کان ماسڪو لاءِ روانو ٿيس. ٽي ڏينهن ماسڪو ۾ رهڻ بعد مون کي تا شقند روانو ڪيو ويو مان لاڳيتو ڇهه سال رهيس انهن ۾ هڪ سال روسي ٻولي سکڻ ، ٻه سال ڊ پلوما ۽ ٽي سال ڊاڪٽريٽ (Ph.D) شعبه بيهوشي ۾ لڳا . انهن ڇهن سالن دوران گرمين ۾ سردين جي وڪيشن ملندي هئي جنهن جو فائدو وٺندي مون کي پنڌرهن سورهن ملڪ گهمي ورتا. انهن ۾ زياده تر (EAST ۽ WEST يورپ جا ملڪ شامل آهن) چاليهه ڏينهن (26 آگسٽ 1981ع کان 4 آڪٽوبر 1981ع) آمريڪا جو سير ڪيم ان دوران ڪئنيڊا جي شهر ڪرين بروڪ ڊسٽ جو پڻ موقعو مليو. ٻه دفعه

افغانستان ڏسڻ جو اتفاق ٿيو ۽ هڪ دفعو انڊيا مان گذريس. انڊيا ۾ ٻن هفتن جي قيام دوران الهاس نگر گهمڻ ويس، جتي موهن ڪلپنا، ڊاڪٽر ارجن سڪايل ۽ پروفيسر هيرو شيو ڪاڻي سان ڀرپور ڪچهريون ٿيون. بمبئيءَ ۾ ماسٽر چندر، اُتم ۽ سندري سان گڏجاڻي ٿي. واپس ايندي دهليءَ ۾ هريڪانت جيئواڻي سان روح رهاڻ ٿي. هن ملاقاتن ۾ سنڌ جي سياسي ۽ سماجي صورتحال عمومي طور ۽ ادبي صورتحال خصوصي طور بحث هيٺ آيون. سنڌ لاءِ سڪ ڏاڍي ڏٺم. هند ۾ ٻه هفتا رهندي جتي خوشي ٻه اٿم جو هيڏي بلند پايه جي سنڌي اديبن سان ملاقاتون ٿيون، اتي ڏک ان ڳالهه جو اٿم جو مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ مرزا غالب جي مزارن تي حاضري نه پري سگهيس ۽ نه وري تاج محل جو ديدار ڪري سگهيس.

اهڙي طرح روس ۾ ڇهه سال رهندي جتي سمر قند وڃي تيمور لنگ جي مزار تي ڏسي آيس پر اتي افسوس اهو ٻه اٿم جو نه تي لينن گراڊ ڏسي سگهيس ۽ نه وري پنهنجي پسند يده شخصيت راسپوتين جي مزار تي وڃي سگهيس. هتي ٻه ڪجهه ويزا وغيره جون رڪاوٽون هيون، جنهن سبب اهي خواهشون پوريون نه ٿي سگهيون. مجموعي طور ايترن ملڪن جي تن تنها ڪيل سفر، جنهن ۾ ڪڏهن راحتون هيون تہ ڪڏهن پريشانيون ٻه هيون، جن منهنجي خيالن ۽ سوچن ۾ ڪافي اضافو ڪيو. تقريباً هر ملڪ ۽ شهر مان پنهنجي سفر جو تفصيلي خط راشد مورائي ڏانهن ٿي لکندو رهيس، جيڪي راشد ڪان وڃائجي / هيڏي هوڏي ٿي ويا آهن. جنهن جو مون ڪي نهايت ٿي افسوس آهي.5-نومبر 1985ع تي روس مان ڪورس مڪمل ڪري ڊگريون وٺي وطن واپس وريس. جنوري 87ع ڪان ڪراچيءَ ۾ لوڪل گورنمينٽ جي اسپتال سوپراج ميٽرنٽي هوم ۾ سينيئر اينسٽيٽسٽ جي حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيو آهيان. وچ ۾ ٻه سال ڪن (92-1990ع) پيپلز ميڊيڪل ڪاليج نوابشاهه ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور شعبه

بيهوشي ۾ پئ ڪر ڪيو.

6 مارچ 1993ع تي پهريون دل جو دورو پيو. 25 ڏينهن نوابشاهه اسپتال جي آءِ. سي. يو (I.C.U) ۾ رهيس. هن حادثي ڪانپوءِ مون محسوس ڪيو ته منهنجي خوشين جا ڏينهن ختم ٿيا ۽ مصيبتن ۽ تڪليفن جو دور شروع ٿيو ۽ پوءِ مان مسلسل- ذهني توڙي جسماني طور بي چين رهڻ لڳس ۽ هن موقعي تي مان صحت، هدايت ۽ راهنمائي لاءِ واجهائڻ لڳس. بقول منهنجي دوست جي چوائي ته مذهب وڏي ۾ وڏو Tanqulizer آهي ۽ اتي ئي ماڻهو کي ذهني ۽ جسماني سکون ملي سگهي ٿو.

موت اٽل آهي. جڏهن اچڻو هوندو اچي رهندو. ان لاءِ فڪرمند ٿيڻ جي ڪا ضرورت ناهي. انسان مسافر آهي ۽ ڪائنات جي خلقيندڙ ان کي ڪنهن مقصد لاءِ پيدا ڪيو آهي هاڻي مان ڪائنات، ان جي نظام، مذهب- زندگيءَ گذارڻ جو ظابطه حيات ۽ بين انيڪ موضوعن تي غور وفڪر ڪرڻ لڳس. هي منهنجي لاءِ هڪ يو (U) ٽرن هو. هي اهڙو وقت هو جو مان دل جي دوا سان گڏ دين طرف به مڙندو ويس ۽ محسوس ڪرڻ لڳس ته منهنجي طبيعت ۾ آهستي آهستي بهتري اچي رهي آهي. مون مان موت جو خوف ڪڍڻ ۾ جتي دين وڏو ڪم ڪيو اتي ڪجهه فلسفين به سڻي مدد ڪئي. مثال طور اسپنوزا ۽ شوپنهار وغيره قابل ذڪر آهن، جيڪي ٻڌي ويدانتي هئا ۽ انهن جو سلسلو شاهه لطيف، بلي شاهه ۽ ڪبير وغيره جي فڪر سان ملي ٿو.

اڪثر هلي مون هڪ بزرگ واتان ٻڌو ته جيستائين هيٺيون چار ڳالهيون پوريون نٿيون ٿين تيستائين الله پنهنجو قرب ۽ ويجهڙائي بندي کي نصيب نٿو ڪري. (1) رزق حلال ۽ ان جو صحيح خرچ (2) ڪوڙ نه ڳالهائڻ يعني قول ۽ فعل ۾ سچائي (3) نماز جو پابنديءَ سان پڙهڻ ۽ ان جو حق ادا ڪرڻ (4) ٻيا نيڪ ۽ صالح عمل ۽ پوءِ مون به پنهنجي زندگيءَ جو احتساب شروع ڪري ڏنو. جنهن احتساب/ يعني نفس

شناسيءِ (پاڻ سجاڻپ) منهنجي غير معمولي مدد ڪئي. جيئن جيئن مان مٿين معاملن ۾ اڳتي وڌڻ لڳس، الله جي ڪبريائيءِ ان جي ذات ۾ يقين وڌندو ويو تيئن تيئن مان پاڻ کي ان جي قريب ٽيندي محسوس ڪيو ءِ هر طرح پاڻ کي مطمئن ٽيندي محسوس ڪيم. هن وقت قربت ان درجي تي بيٺي آهي جو ڪڏهن ڪڏهن اهم ءِ فوري مسئلي تي ساڻس جڏهن روح جي گهراين سان رجوع ٽيندو آهيان تڏهن مون کي سندس طرفان رهبري ءِ رهنمائي حاصل ٿي ويندي آهي.

دين جي بدولت ئي والدين جي اهميت جي خبر پئي، والده جو ته 1984ع ۾ انتقال ٿي ويو هو. سو پوءِ بنا دير جي بابا سائين ءِ مان 1998ع ۾ حج جي سعادت حاصل ڪري آياسين. هاڻي جڏهن اتان موٽيٰ آيس ته هي اهڙو وقت هو، جنهن ۾ مان زماني جي گهٽن غير ضروري وهنوارن سان پنهنجا ناتا ٽوڙي واندڪائي جو وقت حاصل ڪيم، جنهن ۾ يا ته پڙهڻ لڳس يا لکڻ شروع ڪيم. پڙهڻ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، شيخ اياز، استاد بخاري، احمد فراز، قتيل شفائي، غالب، سقراط، منصور هلاج، نرائڻ شيام، قرة العين طاهره ءِ ٻين کي پڙهي ورتو. جيتري قدر لکڻ جو تعلق هو ته جيئن ته هاڻ مون تي عشق جو دروازو کلي چڪو هو، تنهن ڪري ويهه سال اڳ ڇڏيل شاعري وري نئين سر شروع ٿي وئي ءِ اها ايتري ته ٿي وئي جو نئين ءِپراڻيءِ کي ملائڻ سان هڪ ڪتاب ٻڌجي پيو. هاڻ سنگت زور ٻريو ته اها ڪتاب جي صورت ۾ شايع ٿيڻ گهرجي. منهنجي دوستن ڊاڪٽر آنند پنجواڻي ءِ ستار پيزادي همت ٻڌرائي ءِ هوڏانهن نوجوان دوست رڪيل مورائي ملي ويو ته ڇپائي جا مرحلا تڪڙا طئي ٿيڻ لڳا. اهو ڪم اڃا ٻئي پروف ريڊنگ جي مرحلي ۾ ئي هو جو مون کي 11 جولاءِ 1999ع تي ٻيو دل جو دورو (Infarction) پئجي ويو ءِ اهو ايترو ته شديد هو جو ڊاڪٽر خود هڪ مرحلي تي منهنجي زندگيءِ مان مايوس ٿي ويا، پر منهنجي مالڪ وٽ منهنجي زندگي اڃا لکيل هئي، سا مون کي ملي.

موت اڳي بہ ڪيترائي دفعا ويجهو آيو، پر هر دفعي ناڪام موٽيو. هن دفعي ته اصل ٻڪئين پئجي ويو هو. چوندا آهن ته، "مارڻ واري کان بچائڻ وارو ويجهو آهي." مون سان بہ اهو ئي ڪم ٿيو. سوچيندو آهيان ته مون سان ايترا معجزا ڇوتا ٿين؟ ربّ بار بار زندگي ڇو ٿو عطا ڪري؟ آخر مون مسڪين گناهہ گار کان ڪهڙو ڪم وٺڻو اٿس؟ منهنجي ذهن ۾ اهڙا انيڪ خيال ۽ سوچون اچڻ لڳنديون آهن. هاڻي هي اهو وقت آهي جو مان تصوف جي مختلف طريقن، ايمان، يقين ۽ حق ۽ صداقت جي علم لاءِ ڪنهن اهل دل جي تلاش ۾ رهڻ لڳس ۽ نيٺ اها تمنا بہ هڪ بزرگ شيخ هاشم رضا سان ملڻ جي صورت ۾ پوري ٿي.

منهنجي شعرن ۾ ڪٿي ڪٿي موت جو ذڪر ٿيل آهي، يا جيئن ڪتاب جي عنوان مان لڳي ٿو ته مان سمجهان ٿو ته اها زندگيءَ مان بيزارگي جي نشاني ناهي بلڪ ان ابدي حقيقت جو اعتراف آهي جيڪا زندگي جي آخري ڏاڪي/ مرحلي ۾ اچڻي آهي. ڇاڪاڻ ته اسان موت تي سوپ ننڍا پائي سگهون، ان جي پَوَ ڪي مات ڏيڻ گهرجي ۽ اهو تڏهن ئي ٿي سگهندو، جڏهن انسان الله جي احڪامن جي مڪمل پيروي ڪندو. يقيناً موت کان پوءِ حياتي آهي، جنهن لاءِ فڪرمندي ۽ تياريءَ جي ضرورت آهي.

اسپين جي مشهور شاعر لورڪا پنهنجي دوست جي موت تي نظم لکيو، جيڪو ڏڪي سان وڙهندي (Bull Fight) ۾ مري ويو. امير خسروءَ سلطان محمد جي موت تي مرثيو لکيو، مهان شاعر شيخ ايياز "دودي جو موت" آپيرا ۾ زندگي ۽ موت جي ٻٽي حقيقت کي سٽي نموني چٽيو. سچ ته اهو آهي ته هن عارضي ۽ فاني دنيا کي پنهنجي ڏيان تان هٽائي مالڪ حقيقيءَ سان رشتو جوڙڻ ئي، حضرت انسان جو مقصد هٿ گهرجي ۽ هن دنيا ۾ ماڻهو هڪ صاف ۽ شفاف زندگي گذاري وڃي. هي دنيا گذرگاهہ ته ضرور آهي، پر قيام گاهہ نہ آهي ۽ جڏهن مالڪ حقيقيءَ جو سڏ ٿئي ته پوءِ ڪلندي خوش ٿيندي اڳئين سفر

جي تياري ڪري. چوندا آهن تہ، "رنگ رتل ڇڏجي- ميلو متل ڇڏجي."

"الا مان اڏري ويندو سانءِ" توهان جي هٿن ۾ آهي. هي منهنجي شاعريءَ جو پهريون مجموعو آهي، جا هڪ ڪچي پڪي ڪوشش آهي. گهٽ وڌايون ضرور هونديون. ٿي سگهي ٿو تہ ڪٿي فن هجي تہ فڪر ۾ ڪوتاهي هجي ۽ جي ڪٿي فڪر هوندو تہ وري فن ضربيل نظر اچي. پوءِ بہ آس اٿم تہ پڙهندڙ منهنجي هن پُرخلوص ڪوشش جي آجيان ڪندا.

مان پنهنجي انهن سڀني دوستن جو شڪر گذار آهيان، جن اسپتال اچي منهنجي عيادت ڪئي ۽ خاص طور تي ڊاڪٽر محمد صالح پُرٽَ جو، جنهن پهرئين دل جي دوري ۾، نوابشاهہ ۾، گهر کان ڪارڊيو ويسڪيولر پهچايو ۽ ڊاڪٽر نند لال درياڻيءَ جو، جنهن ٻئي هرٽ اٽيڪ ۾، ڪراچيءَ ۾، فليٽ کان I.C.U پهچايو ۽ هن ٻنهي ڊاڪٽرن / يارن حال آهر ايمرجنسيءَ ۾ منهنجي سڀني مدد ڪئي. ان کان سواءِ ڊاڪٽر زهره طاهر، ڊاڪٽر سيما بدر، راهي ڀائي، نذير قريشي، ايوب جتوئي، حاجي خان پريو، رشيد هميراڻي، پير بخش ڇڇڙو، امداد چانڊيو، عبدالستار منگي، ڊاڪٽر شمس بروهي، عبدالرحيم انصاري، ڊاڪٽر احسان سيال ۽ ٻين دوستن جو ٻڌ ٿورائتو آهيان، جيڪي پنهنجا ڪم ڪاريون سيڙائي اسپتال ۾ منهنجي طبيعت ڊسڻ/ پڇڻ هر ٻئي ڏينهن ڏينهن ايندا هئا يا فون تي خبر چار وٺندا هئا. ڪجهہ دوست گهر تي پڇڻ پڻ آيا.

... ۽ پنهنجي عزيزن ۾ والد بزرگوار، گهر واري، پٽ فهيم رضا ۽ سليم رضا*، ڏيءُ هُما تبسم، ڀائرن عبدالغفار (جبل)، محمد دائود، ڀائٽين ۾ تسنيم ناز ۽ مريم ناز ۽ ٻين جا مونتي تمام گهٽا احسان آهن، جن هر وقت هر لمحي منهنجي خدمت ڪئي ۽ سارسنيال لڏي ۽ منهنجي شفا ۽ عمر درازيءَ لاءِ دعائون گهرندا رهيا ۽ رهن ٿا.

---

* سليم رضا PNSC جي ڪاغان شپ تي ڊيڪ ڪيڊٽ آهي. اتليءَ مان فون ڪرڻ تي ڪيس منهنجي بيماريءَ جو اطلاع ڏنو ويو.

مان پنهنجي جملي پڑهندڙن کي منٺ ڪريان ٿو تہ اهي ڪل انسانيت جي هدايت، صحت ۽ برڪت لاءِ ڏٺي تعالىٰ کان دعائون گهرندا رهن.

آخر ۾ مان پنهنجي ذات ڏيندڙ عظيم هستيءَ جي اٿمين احسانن ۽ نوازشن جو ذڪر ضرور ڪندس، جنهن هن فقير کي عشق جي عظيم تحفي سان نوازيو. هن آخري دل جي جهٽڪي يعني موت ۾ نئين زندگيءَ ڏني تہ جيئن مان پنهنجي هر گناهہ کان هن روشن دنيا ۾ ٿي توبهہ تائب ٿيان. پنهنجي مادرِ وطن "سنڌ" جو قرض لاهي وڃان، سندس ڪائنات جي وڌيڪ سونهن پسي سگهان ۽ پنهنجي پيار / عشق جو اڃا اُوچو معراج ماڻي ڏسان.

منصور ملڪ

ڪراچي
09.09.1999

تون ۽ مان

ڈاڪٽر قيوم، سر جو سودو ڪندڙ، نيٺ "منصور" ٿي ويو۔ سندس ڪلام پڙهڻ کان پوءِ محسوس ٿئي ٿو ته هن مَستَ ، مَستيءَ جي موج ۾ اچي پنهنجو پاڻ سان جهيڙو لاتو آهي ۔ ڪڏهن دسجيو وڃي ته ڪڏهن دسيو ويٺو آهي ۔ سندس ويڑهه ها ۽ نه ۾ بدلجي وئي آهي. نفي اثبات نروار ٿيو۔ لِڪَ ايڏي جو لطيف ٿيو پوي، نرواريءَ ۾ سَچُو جي سچ جي سرهاڻ پيو سُونگهائي ۔ ڪڏهن سپ ڪجهه ڇڏيو قربانيءَ جي قربت ٿو ماڻي ته وري سپ ڪجهه ساڻ نيو ٿو وڃي پر دل آزاريءَ کان پلئه بچائيندي، ڪڏهن پاڻ منظر ٿيو ٻيٺو آهي ته وري ڪڏهن منظر کي ڳولڻ لاءِ آڪاشَ نهارَ ڪري ٿو ۔ پنهنجي وجود کان بي خبر ٿي منظر جي منتظري ڪري ٿو۔ محسوسات جي گهرائي لفظن جي ڪوٽ سبب نه بيان ڪرڻ جهڙي ۔

حساس شخص جي پهرين ڪوشش ڪيرون لهڻي

غزل

○

اڄ حسن ٿيو عام، خدا خير ڪري،
آ عشق تي الزام، خدا خير ڪري.

محبوب سندم جا تہ گلابي چپڙا،
چوري ڪيئين قتلام، خدا خير ڪري.

ڪاليج مان دلبر جو جڏهين بہ گذر ٿيو،
وجهندو ويو ماتام، خدا خير ڪري.

محبوب جي هر حڪم تي مون "جيءُ چيو"،
تڏهين بہ آ الزام، خدا خير ڪري.

هر حڪم جي تعميل ڪندو رهيس تڏهن پي،
ٿيٽو پيو بدنام، خدا خير ڪري.

گر حسن کي سجدي جي اجازت جي هجي،
ڪريان پوءِ صبح شام، خدا خير ڪري.

آ حسن وڏي ڳالهہ وڏي چيز مگر،
آ عشق بہ انعام، خدا خير ڪري.

"منصور" غلام آهي، اصل ڪان تنهنجو،
لب تي آ سندءِ نام، خدا خير ڪري.

❑

○

وري پٽر پکهاري ٽي سکهي بيشڪ دعا منهنجي،
جلائي ٽي سکهي گلشن عدوءَ جو اڄ صدا منهنجي.

اسان مانجهي، اسان دودا، اسان ئي سنڌ جا جوڌا،
سدائين سنڌ تان رهندي پئي هر شيءِ فدا منهنجي.

نہ گهبرايو ٻڌي ڏڙڪا، نہ ڇرڪو جيل خانن کان،
کهايو مونکي پر سنڌ کان نہ ٽيندي دل جدا منهنجي.

سيئي زنجير ٽوڙياسون، ڪري اعلان آزادي،
گهرڻ حق آ بغاوت جي تہ پوءِ ناهي خطا منهنجي.

وطن سنڌ کي ڪري سجدو، ڪندس مان فرض هي پورو،
وطن سنڌ جا نظارا، جهنگ وڻ ٽڻ گل هوا منهنجي.

مران شل سنڌ جيجل لئہ، جيان پڻ سنڌ جيجل لئہ،
اگر بيمار ٽي پوندس، متي ٽيندي دوا منهنجي.

پلي اڄ دار تي چاڙهيو، اسان "منصور" پارن کي،
زبان تي هر گهڙيءَ هوندي جيئي سنڌ جي صدا منهنجي.

❑

○

سنڌ جا ڪيت ۽ گهر سلامت،
شال رهن سي بَرُ سلامت.

سنڌ وطن جو آڏرياڻ،
شال هجي ڪيڪر سلامت.

سنڌڙيءَ جا او جنگي دودا،
تنهنجي پگهه جا ور سلامت.

موج ۾ آئي آ مهراڻ،
ڪينجهر ۽ منچر سلامت.

سنڌڙي جو ٿي تون گهبرائين،
ايا اٽئي ڪوندر سلامت.

سادا سودا هاري ناري،
ڏاندن جوڙا هر سلامت.

مَلڪ، رسالو قرآن آهي،
پٽ ڏٽيءَ جا سُرَ سلامت.

❑

○

جيڪو چوڻ چاهين ٿو ٻول
مٺڑا پنهنجا چپڑا ڪول

نيڻ خمارين ڏسجن ڪيئن،
هڪ گهڑيءَ لئه منهڑو ڪول

من جو مندر مُرڪِي مُرڪِي،
يار ڪري وئين ڀانوا ڀول

هر ڪنهن ماڻهو عيب ثواب،
قوليو منهنجو تون ته نه قول

تنهنجي درشن لئه جو آيس،
ماڻهن ڪوليو مون کي رول

چئني طرفن ۾ هر چوڻڪ،
عشق اسانجي جو چوٻول!

مونکي ڪيئن وساريو تو،
ڪانه ٻهي ٿي اهڙي ٻول!

شيشي جهڙي منهنجي دل،
چو ٿو ڪيڏين سمجهي ٽول!

آيو هان، سوريءَ سينگار،
ٻئي پاسي "مَنصُور" نه ڳول!

○

عشق سندء ۾ اڄ ديوانا!
سَوَ منصور ٿيا مستانا!

ساقي ڪونهي، جام ڏئي جو،
خالي پيا آهن پيمانا!

من جو محرم ڪوبه نه آهي،
جاڏي ڪاڏي ڇڏ ويرانا!

هت سيڪو ٿو مطلب چاهي،
مطلب جا آهن يارانا!

صنم! اچين ها غر گهنجي ها،
ڳوليون هينئن نه ها مئخانا!

پنهنجي بزم آ، پنهنجي محفل،
پوءِ بہ آهيون چو بيگانا!

روز ڏنا مون ڦيريون پائيندي،
هڪ شمع تي سو پروانا!

توکي ڏاڍو چاهيو آهي،
پنهنجو سمجهي مون اي جانا!

سيکو عاشق بنجڻ چاهي،
سيکو ڳائي فلمي گانا!

تنهنجو خط اڄ پهتو سائين،
مڃيا مون رب جا شڪرانا!

○

ڪيو ڇونہ مون تي تو اعتبار آهي.
قسم آ خدا جو توسان پيار آهي.

ڪرين ڳالهہ جنهن جي پيو ٿو تون مون سان،
هميشہ اسان ڪان رهيو ڏار آهي.

اسان ڪئي محبت، اوهان پالي نفرت،
اسانجو اوهان سان نہ وهنوار آهي.

ڪري پيار "مَنصُور" تو ساڻ ڇو جو،
ڪيو غير تي تو سڃڻ وار آهي.

❑

اهڙا طوفان اٽيا، سمنڊ ڪڙڪي پيو.
لال پنهنجو جهنڊو خوب ڦڙڪي پيو.

هت غمن کي ڪٽڻ ٽا پياسا اچن،
کول، ساقي آٽي! در نڙڪي پيو.

دار ڏي جي وياسون تہ مرکي مڻا،
جيل تنهنجو ٻڌي جسم ٽڙڪي پيو.

آ سڪايل سدا ساه "مُنصور" جو،
حسرتن جو سندم لاش لڙڪي پيو.

○

ماڻهو ماڻهوءَ کان بيزار ڇو آ؟
ڪنهنجو ڪنهن تي نہ اعتبار ڇو آ؟

منهنجي موت کان پوءِ يارو،
همدردين جو اظهار ڇو آ؟

جنهن کي خبر ئي ناهي وفا جي،
اهو بي وفا، دلدار ڇو آ؟

سهپ وئي آهي موڪلائي جڏ،
ماڻهن ۾ وڌيو تڪرار ڇو آ؟

چور- چوڪيدار هن بٽيا،
الٽو ٽيو وهنوار ڇو آ؟

هُن سان ڪڏ رقيب آهي ڇو؟
گل سان ڪڏ ٽيو خار ڇو آ؟

واءُ کهڙو وريو آ "منصور"،
پاءُ کان پاءُ ڏار ڇو آ؟

❑

○

ايترو انتظار ڇو ٿو ڪرين؟
غلطيون بار بار ڇو ٿو ڪرين؟

عشق ماري نہ وجهئي او ڇريا!
هن سان ايڏو پيار ڇو ٿو ڪرين؟

جيڪو اڇو ئي نہ آهي ان جو،
چون ٿا انتظار ڇو ٿو ڪرين؟

هوءَ تو وٽ ايندي ڪنهن ڇيو آ؟
ڇرين جان انتظار ڇو ٿو ڪرين؟

دل ڏئي پوءِ ڪجهہ گهرين ڇو ٿو!
پيار ۾ ڪاروبار ڇو ٿو ڪرين؟

جو ورنائي ئي نٿو سڏ ڪي،
ان کي سڏ بار بار ڇو ٿو ڪرين؟

درد جو زهر پي وچ "منصور"
دارونءَ کي اختيار ڇو ٿو ڪرين؟

❑

○

هلي هيڪر ڪلي جيڪر ڪيڪارينديون ٿو چا ٿيندءِ،
چڏي ڪاوڙ اڳر مشڪي نهارينديون ٿو چا ٿيندءِ.

ڪيئي واعدا نيائڻ جا ٿو پو جلدي رسڻ کهڙو،
منا مشتاق کي تون هڻين رڙارينديون ٿو چا ٿيندءِ.

اهو انداز محبت کو نه ٿو سونهين سڃڻ توکي،
ائين هر هر نگاهن سان پيو ماريندين ٿو چا ٿيندءِ.

ملندئي کونه مون جهڙو سخي عاشق وري پيو کو،
ڪري تون پينگ منهنجي پوءِ ڏکاريندين ٿو چا ٿيندءِ.

سڀ سڀ سور تڪليفون زماني جون اوهان خاطر،
مگر هاڻي دلاسن تي جيارينديون ٿو چا ٿيندءِ.

ستائين چو ٿو تون مونکي، ستائڻ مان چا هٿ ايندءِ،
منا "منصور" کي درشن ڪرائيندين ٿو چا ٿيندءِ.

❑

○

تون مون ڏي چا تہ نهارين ٿي،
هن مرده دل کي جيارين ٿي.

اڳ ڏاڍو ئي تڙپايو ٿئي،
ڇو مونکي هاڻ رڳارين ٿي.

مون جامِ شراب ئي سمجهيو هو،
پر زهر پياري پيارين ٿي.

هي محبت جو بدلو آ ڇا،
ڏئي دڙکو دور ڏکارين ٿي.

رقيب منهنجا کر نہ ايندءِ،
تون جن تان جان بہ وارين ٿي.

"مَنصور" سان واعدو کالهہ کيئُ،
اڄ غيرن سان گڏ گهارين ٿي.

❑

○

ورهين کان پوءِ آهِ ڏسڻ ٿيو.
اکڙ تي سڄڻ جو اچڻ ٿيو.

اکيون پرينءَ جون ٻرن مشالا،
ءِ وڌ پنهنجو لڄ پچڻ ٿيو.

چهرو چند کان بهتر ان جو،
رنگ سندس ماکيءِ مکڻ ٿيو.

هُئي ڏاڍي بيچين حياتي،
هُن جي آئي نيٺ کلڻ ٿيو.

قسمت جي آ ڳالهه نياري،
شمع ءِ پروانو جو ملڻ ٿيو.

ناريءَ جون مخمور نگاهون،
عاشق جو هر روز کسڻ ٿيو.

ڳالهه سڃڻ کي کاڻ وٽي کا،
هر انگ مان انکار بکڻ ٿيو.

هو ليکا وچ آڳ ۾ پيئي،
حق ۽ سچ جو وري جيئڻ ٿيو.

تڏهن وڃي "منصور" ٿياسين،
جڏهن مرڻ کان اڳي مرڻ ٿيو..

○

ڪسي دل ڏڪارڻ ڇڳي ڳالهه ناهي.
ڦَٽِي دل ڦٽائڻ ڇڳي ڳالهه ناهي.

هيءَ ڪهڙي آ محبت ملي موٽ نفرت،
جلي دل جلائڻ ڇڳي ڳالهه ناهي.

ملي نيٺ سهڻي اچي آ سڃڻ سان
تهين کي متائڻ ڇڳي ڳالهه ناهي.

ملون "نيشنل" تي اسين روز يارو،
ملڻ کي گهٽائڻ ڇڳي ڳالهه ناهي.

لڳل لنءَ آ توسان سڃڻ يار منهنجي،
برهه مَڃَ وسائڻ ڇڳي ڳالهه ناهي.

ملائي سگهين جي نٽو هٿ مون سان،
حقارت وڌائڻ ڇڳي ڳالهه ناهي.

اسان جي خطائن ۽ عيبن ڏي سُهٽا،
مسلسل نهارڻ چڱي ڳالهه ناهي.

هي محبوب جوڙو وڃي نيٺ مليو،
انهيءَ کي ستائڻ چڱي ڳالهه ناهي.

هي خوشبو ۽ پيجر وٺي يار رک تون،
انهن کي ورائڻ چڱي ڳالهه ناهي.

خدا خود کيو عشق "منصور" آهي،
سبق سو پلائڻ چڱي ڳالهه ناهي.

○

گهرون حق پنهنجا ته ڪافر ٿا سڏجون،
اڪين تي اسان ڪي هي الزام آهي.

غلامي ۽ ڪان بهتر ته ڪافر ٿيڻ آ،
اي منصف! سڀو تنهنجو انعام آهي.

وطن جي محبت ئي ايمان آهي،
جي ايمان آهي تہ اسلام آهي.

نہ شاعر آ ٿيندو ڪهين جو غلام،
سَرِ دار چئي ڏيندو پيغام آهي.

اي زاهد! نہ گهرجي مونکي تنهنجي جنت،
اسان لاءِ سندڙي ئي انعام آهي.

آ "منصور" معلوم مونکي چا ٿيندو،
وطن جي محبت جو انجام آهي.

❑

○

جستجو ۾ مان رهان تنهنجي ڪري.
غور سان هر شئي ڏسان تنهنجي ڪري.

جڏهن ڪن ٿا هو گلائون بار بار،
ٿو رقيبن سان لڙان تنهنجي ڪري.

جو ڪري مسڪين هاريءَ تي ظلم،
تنهن وڏيري سان وڙهان تنهنجي ڪري.

ٿي ويون آهن أبهرائيءَ ۾ جي،
غلطيون سي پيو سهان تنهنجي ڪري.

چائنجي "منصور" ويو آ، هيءُ غم،
سنڌ کي ترندو ڏسان تنهنجي ڪري.

❑

○

ڏکيو وقت ڏاڍو نيائي ڇڏيوسين.
اوهانکي مگر آزمائي ڇڏيوسين.

سوين سور سختيون ڏنيوسين وفا ۾،
اسان عشق تنهنجو پچائي ڇڏيوسين.

کلي منهن ڏنوسين زماني کي هردم،
غمن کي اندر ۾ لکائي ڇڏيوسين.

بچيو ڇاهه باقي؟ جو مونکان گهرين تو،
اسان پاڻ پنهنجو وڃائي ڇڏيوسين.

اندر ۾ مچايو، وڏو دردَ کورو،
دکي دل جو دونهون دکائي ڇڏيوسين.

پئي ياد محفل ۾ جڏهين بہ تنهنجي،
پريل جام لب سان لڳائي ڇڏيوسين.

ڪڏهن پي اوهانجي جي آڏو لنگهياسين،
اوچو ڳاڙ پنهنجو جهڪائي ڇڏيوسين.

چڙهت ڪونہ ٿيندي ڪڏهن پي اوهان تي،
هنيل داءُ پنهنجو هٽائي ڇڏيوسين.

هٿوسين هي سوچو سدا ساڻ ڏيندين،
سڄو جڳ تو لئہ قربائي ڇڏيوسين.

اوهانجي عزت لئہ اسان يار پنهنجو،
سڄو شان شوڪت گهٽائي ڇڏيوسين.

ڪري ڳالهہ "منصور" شعرن ۾ پنهنجي،
سڄو حال جڳ کي ٻڌائي ڇڏيوسين.

○

روز تنهنجو رَسڻ، ڪا چڱي ڀالهه آ؟
گهاءِ ايڏا ڏيڻ، ڪا چڱي ڀالهه آ؟

عشق تنهنجي بڏايو اسان کي گدا،
شاهه بڏجي رهڻ، ڪا چڱي ڀالهه آ؟

وصل جي رات ڪانپوءِ قيامت ڪپي،
باک جو هيڻن ڦٽڻ، ڪا چڱي ڀالهه آ؟

گيلريءَ ۾ بيهي آرسيءَ جي اڳيان،
وار ڪولي ڇڏڻ، ڪا چڱي ڀالهه آ؟

هي رقيبن جون نيڪيون اسان جي اڳيان،
ائين هر هر ڪرڻ، ڪا چڱي ڀالهه آ؟

ڪنهن به لاڻا نه آهن ستارا ايان،
هار ايڏي هٽڻ، ڪا چڱي ڳالهه آ؟

ديس پنهنجو هي ماتا، پتا آ يا دوست،
هن وطن کي چڏڻ، ڪا چڱي ڳالهه آ؟

منهنجو مذهب ۽ ايمان تون ئي پرين،
دين پنهنجو متڻ، ڪا چڱي ڳالهه آ؟

ماڻ "منصور" آهي ته چاڻي پيو،
ڪنڌ تنهنجو ڪپڻ، ڪا چڱي ڳالهه آ؟

○

نورِ نظر کو ٹيندو آ؟
مثلِ قمر کو ٹيندو آ؟

حور جي روپ ۾ ٻڌجي ٿو،
هاءِ! بشر کو ٹيندو آ؟

مخمور نگاهون مارين،
ايڏو قَهُر کو ٹيندو آ؟

بي انتها مصيبت ۾،
ڇا همسفر کو ٹيندو آ؟

تولئه نه سوچيو هجي،
اهڙو پهرُ کو ٹيندو آ؟

ورهائي پيار ٿو، "منصور"
تنهن تي ڏمر کو ٹيندو آ؟

❑

○

ڪاش هجان هان آئون سياڻو.
ڪالهه مون سمجهيو مومل راڻو.

"مون ڏي اڇ تون" حڪم آ تنهنجو،
ڪيڏو وڻي ٿو دوست جو ماڻو.

مون کان ڇو ٿي ايڏو ڇرڪين،
مِلَ اڇي آ عرض نماڻو.

توکي ڏسڻ لئه ڳوليان ڳليون،
سنڌ سنڌ ٿي پيو آهي ساڻو.

نوڙي جوڙي پيش ڪري ٿو.
ڪجهه نه ڄاڻي هيءُ اڻ-ڄاڻو.

سوريءَ کي ماريو "منصور"
پيڙيو ڪالهه بلاول-گهاڻو.

❑

○

زنـــدگـــي خوابُ آهـــي.
بـــنـــدگـــي ثـــواب آهـــي.

عـــشـــق جي چوٽـــن ۾،
كـيـــڏو نـــ تـــابُ آهـــي.

مـــونـــكـــان چو هُن كـــي،
ايـــڏو حـــــجاب آهـــي؟

هـيـــڻ ۾ ڦـــيـــڻ هُن جي،
مـــون لـــئـــ خطـــابُ آهـــي.

دوســـــتـــــيءَ ۾ يـــاري ۾،
كـهـــڙو حـــســـاب آهـــي.

هـــر هـــك ادا آ هَن جي،
ڏ ـــــي لاجواب آهـــــي.

منهنجي حياتي جَڏ ڪو،
ڪليل ڪتـــاب آهي.

مَڏ جا پـــريل ڪتـــورا،
هـن جو شـــبـــاب آهـي.

"منصـــور" لـئـــ وڃوڙو،
يـــارو عـــــذاب آهـــي.

○

مان دل لڳائي وينو هان،
۽ پاڻ ڦرائي وينو هان.

منهنجو داد ڪرايو يارو،
سڀ ڪجهه ڦرائي وينو هان.

ڏندا ڏاڙيون هار سينگار،
ڪجهه نه بچائي وينو هان.

ڪوبه نه نڪتو ڏک جو ساڻي،
سڀ آزمائي وينو هان.

من مندر جي ديوي هُن کي،
آڻون بنائي وينو هان.

هڪڙي آهه پري جنهن لئه،
آرام ڏيڻائي ويڻو هان.

سهڻي صورت آ جنهن کي،
هن دل ۾ لکائي ويڻو هان.

ڪم ٿي ويئي منهنجي دل،
هر جاءِ ٻڌائي ويڻو هان.

ڏيڻو سڄ جو اوندهه ۾،
"منصور" جلائي ويڻو هان.

○

خود سان ٿي ملڻ کان ڇرکي ٿي!
حسن پنهنجو پسڻ کان ڇرکي ٿي!

شڪ ٿيو اٿس پيار منهنجي جو،
تڏهين گل ونڻ کان ڇرکي ٿي!

غربت جي ماريل حسين ناري،
مردن ۾ پنڻ کان ڇرکي ٿي!

اڇيس ٿو خيال منهنجو جڏهن،
پنهنجو پاڇو ڏسڻ کان ڇرکي ٿي!

پيءُ جيڏي سان ٿي اٿس شادي،
ان سان گڏجي وڃڻ کان ڇرکي ٿي!

ڪيس خبر آ ته ذڪر ٿي سندس آ،
تڏهن شعرن ٻڌڻ کان ڇرکي ٿي!

هُو ته درويش صفت آ ماڻهو،
"منصور" سان ڇو ملڻ کان ڇرکي ٿي!

❑

○

لکي يار جا ڳڻ لکان کهڙا کهڙا،
کيان حسن جا مان بيان کهڙا کهڙا.

ڏنا سور مونکي سڃڻ يار جيکي،
سهي ڏنيم آخر سهان کهڙا کهڙا.

نہ حرفو اهو لفظ مونکي ٻڌايو،
کيا ٻسر جنهن آشيان کهڙا کهڙا.

پنا پيار وارا پڙهان روز پيو ٿو،
سبق سي سکي مان سکان کهڙا کهڙا.

وجي پير پاتر سڃڻ جي اگڻ تي،
عجب رنگ آهن ڏسان کهڙا کهڙا.

سڏائين ٿو "منصور" ڏي حق جو هوکو،
ڏسان ڏين ٿو تون امتحان کهڙا کهڙا.

❑

○

تنهنجي زلفن جي سُرهاڻِ.
مون کي ماري ٿي ير هاڻِ.

سارو لوڪ لڳي ٿو چاندي،
تون ئي هڪڙي سونو ڪاڻِ.

پنهنجا سپ ڏکَ مون کي ڏيج،
منهنجون خوشيون تون ئي ماڻِ.

جڳ ۾ ڪونہ ملي خوشبوءِ،
تو ۾ آهي جا سُرهاڻِ.

نظر لڳي شل توکي ڪينَ،
دعا گهران ٿو تنهنجي ڪاڻِ.

حور پريءَ کان گهٽ ناهين،
ڪيئن نه ڪريان تنهنجي واکاڻِ.

هونئن نه ڪڏهن بازي هاري،
تولئي ميڙي پيئي آڻِ.

لوڪ جيئي ٿو پيٽ جي لاءِ،
مان ته جيئان ٿو تنهنجي ڪاڻِ.

تو نه سڃاتو جي "منصور"،
پوءِ ڏس جيئندو هي ڇاڪاڻِ.

○

ڪلفٽن جو ڪيل برسات ۾ سفر وسري نٿو.
ڪجهه ڪلاڪن جو ئي هڪڙو همسفر وسري نٿو.

ڪين ٽيون ڪي خاص ڳالهيون پاڻ وچ ۾ پوء به چو،
جلد منهنجي نرڙ تي آيو پگهر وسري نٿو.

ڪونه پٽي آيو يقين مون ساڻ گڏ هلندي ائين،
گڏجي هليو مون ساڻ هو مثلِ قمر وسري نٿو.

ڪهڙي ڪريان تعريف مان هُن جي حسن جي دوستو!
جو حسن پرور هو ڏنو مون کي چڪر وسري نٿو.

ساڻ ويندل هُئي اها مورت اڳيان گڏ ڪار منجهه،
سندس پُر آشوب نظرن جو اثر وسري نڏو.

ڪلي هر هر پئي مون ساڻ ڳالهايائين محبت سان،
هن جي ساري گفتگوءَ جو ڪو اکر وسري نه ڏو.

ائين وکري وئي خوشبوءِ پر پر جيئن ئي هوءَ ويئي،
جو نگاهن ساڻ اوتيائين سو عطر وسري نڏو.

مرڪ سان پاڻ کي هوءَ وئي هلي "منصور" کي،
حور جي هئي روپ ۾ هڪڙو بشر وسري نڏو.

○

پنهنجي منزل ماڳ ڪٽي!
پنهنجي هٿ ۾ واڳ ڪٽي!

سنڌي نند ۾ غافل هاڻ،
ڪونہ ڏسان ٿو جاڳ ڪٽي!

مارو مونکي پنهنجو ڪن،
اهڙا منهنجا ياڳ ڪٽي!

چَپَ چَپَ تي آ فلمي گيت،
پٽ ڏٽي جا راڳ ڪٽي!

تنهنجا ڪاڏا بيشڪ اوچا،
مڪڻ ماني ساڳ ڪٽي!

مارو سپ مَنصُور اداس،
چوڙيلن جا چاڳ ڪٽي!

❑

○

جي مون وٽ اڇين ها، تہ چا ٿي پوي ها.
گهڙي کن رهين ها، تہ چا ٿي پوي ها.

نهاريم گهٽو ئي، سڃڻ تون نہ آئين،
اکڻ مون لڙين ها، تہ چا ٿي پوي ها.

رقيبن جي عيوض، اکر سور سُهٽا،
اسان سان سلين ها، تہ چا ٿي پوي ها.

هُس عيد جي ڏينهن آئون ڏکايل،
نهاري کلين ها، تہ چا ٿي پوي ها.

کيل قول پنهنجا نيائي نہ سگهئين،
بڏائي چڏين ها تہ چا ٿي پوي ها.

اسانجي صدائن تي ٿورو بہ جي تون،
ڏيان کو ڏرين ها تہ چا ٿي پوي ها.

سچو پيار "مَنصُور" جو هو اوهان سان،
نيائي وڃين ها تہ چا ٿي پوي ها.

❑

اهائي بيوسي تنهائي آ.
هن ساڻ چو دل لڳائي آ.

بيرنگ هُئي زندگي ڏاڍي،
عشق منهنجي ڪئي رهنمائي آ.

ڪهڙو دور ڪاهي پيو آهي،
ماڻهن ۾ رهي ڪٽ سچائي آ.

توکي ساري ۾ري سڏ ڪا روئي،
دل جي حالت ايا اهائي آ.

خوش نصيبن جا ٿين ٿا ميلا،
منهنجي مقدر ۾ بس جدائي آ.

○

ڪڙا ڪي ڪٽا ڪي مٽا درد آهن.
حياتي سڄي مون سٽا درد آهن.

حياتي سڄي ۾ خوشي ڪانہ سنيران،
ٿيا عمر ساري ڪٽا درد آهن.

وصل ڪان هميشہ ئي وانجهل رهيس،
جدائي جا ڇاڇا ڏٽا درد آهن.

دلاسن ۾ دلبر رهائڻ سٽو آ،
اوهان جي ڏنا سي سٽا درد آهن.

جدائي جي ڪوري اندر روح ڪامي،
لڳي ٿو برهہ جا بٽا درد آهن.

سلا سڪ جيڪي سي "منصور" موريا،
اندر مينهن جيئن ڇڻ وٽا درد آهن.

❑

○

اسان جو سڃو جسم ڏاري ڇڏيئي.
نگاهون ڪٽي يار ماري ڇڏيئي.

ٻرن ٽيون اکيون ٻن مشعلن جان ايئن،
ڏيئا ڇڻ تہ مندر ۾ ٻاري ڇڏيئي.

لهي چند آيو اڳڻ تي وري آ،
سڃو من جانان اجاري ڇڏيئي.

نگاهون ادائون ڏئم يار تنهنجون،
ڏنئي ٽڏ اهڙي جو ناري ڇڏيئي.

ملي موٽ سهڻي ۽ مطلب مليو مون،
فقيرن جا ٻيڙا اڪاري ڇڏيئي.

لکل عشق منهنجو ٿيو نيٺ ظاهر،
محبت جا آڏمان اٿاري ڇڏيئي.

ٿيو جلوو تنهنجو جڏهن کان پرين آ،
مٺي نند منهنجي اڏاري ڇڏيئي.

ڏسڻ ۾ ملڻ ۾ تون ڏاڍي وٺين ٿي،
محبت ۾ منٺار ماري ڇڏيئي.

ڪري قرب "منصور" تي يار جاني،
حياتي اسان جي سنواري ڇڏيئي.

○

شور آ هيءَ عام ٿي ويو.
کو شخص بدنام ٿي ويو.

تنهنجي چاهت مون لئہ سهڻا،
جڙ تہ کو انعام ٿي ويو.

عشق کيو، مون جرم ناهي،
چو وڏو الزام ٿي ويو.

پيار کي گهٽئي لکايم،
چرچو صبح و شام ٿي ويو.

موت منهنجو دشمن لئہ،
خوشيءَ جو پيغام ٿي ويو.

تنهنجي مورت من مندر ۾،
ڪفر ۾ي اسلام ٿي ويو.

شاعري نازل ٿئي ٿي،
عشق جو الهام ٿي ويو.

منهنجو من ٿيو ڀورا ڀورا،
تنهنجي لئه آرام ٿي ويو.

مفت ۾ "منصور" يارو،
هاءِ ڇو قتلام ٿي ويو.

اوهان کان واعدو پنهنجو بہ وسري ويو،
ڏکيو ئي سهي اسان جو وقت گذري ويو.

تکي مون ڏي نهارڻ ناز مان تنهنجو،
سندم دل تي چٽو چڙ نقش اڪري ويو.

اڳڙ تي عشق جڏهين آ هلي آيو،
فڪر ۽ فهرُ سارو آهہ نڪري ويو.

هُئي بنجر سڃي دل منهنجيءَ جي ڏرتي،
انهيءَ ۾ پيار جو ٻوٽو آ نڪري ويو.

○

دلڙي منهنجي خالي ڪوڪو.
جنهن ۾ جلدي محبت پريو.

عشق ئي سيکجهه مون لئه آهي،
ٻيو سڀ دلبر آهي دوکو.

توکان ڏور رهي سگهندس مان؟
تو ائين سهٽا چو آ سوچو!

سوچان ويٺو عشق ڇڏي ڏيان،
جيڏانهن کيڏانهن جيءَ جو جوکو.

چا ٿا سوچيو، محبت نفرت؟
سوئي لٽبو، جيکو پوکيو.

چا ٿي سوچين مون لئه سهٽي،
عشق ڪرڻ ڪونهي ڪو سوکو.

محبت منجهه حساب ڪرين ٿي،
مون وٽ ناهي ليکو چوکو.

سِر ڏني جي ڳالهه بٽي پٽي،
"منصور" آهي سستو سودو.

❑

○

پيار ٿي ويو روح سان.
ضم ٿياسين تون ۽ مان.

مسلم- هندو متيا فرق،
تنهنجي منهنجي درميان.

ڪيئن ٿيان مان بيشڪر،
مون تي آ هو مهربان.

قتل ٿي وياسين تڏهن،
جڏهين ڏٺوسين جانِ جان.

تنهنجي ملڻ کان اڳ هُئس،
ڏاڍي اُڻ تڻ منجهه مان.

ڪيترو "منصور" تي آجُ،
رَبّ ٿيو آ مهربان.

❑

منهنجو مٽبو ڪونہ آ سائين!
رستي رکبو ڪونہ آ سائين!

فقيرن سان مٺڙا ائين،
ناتو ڇنبو ڪونہ آ سائين!

ڏبو ئي آهي عشق ۾ هردم،
ڪجهہ پي وڃبو ڪونہ آ سائين!

بيدرديءَ سان پيار ۾ ايڏو،
ڪنهن کي ستبو ڪونہ آ سائين!

جنگ ۾ پيار ۾ سَڀ ڪجهہ واجب،
ڪڏهين هٽبو ڪونہ آ سائين!

پنهنجا جي آهن "منصور"،
تن کي ڪٽبو ڪونہ آ سائين.

○

وَسُ پڇئي تہ يلائي ڇڏجان.
منهنجو نانءُ مٽائي ڇڏجان.

حال پڇئي جي منهنجو ڪوئي،
پنهنجو منهن ڦيرائي ڇڏجان.

هڙو تهڙو ڇئي تون مونکي،
ڪوليل ڳالهه ڪٽائي ڇڏجان.

پيار جي ٻاريل شمع اندر ۾،
ڏيئي ڦوڪ اجهائي ڇڏجان.

ڳالهه ٽئي يا خيال اڇئي ڪو،
گهٽ وَڌ تون ڳالهائي ڇڏجان.

گل ڏنائين پيار ونديائين،
منهنجو ڏوهه ٻڌائي ڇڏجان.

پاڻ کي اوچو پيش ڪرڻ لئه،
منهنجي ذات گهٽائي ڇڏجان.

هيڄ ۽ نيڄ ته آ "منصور"،
سرتين کي سمجهائي ڇڏجان.

○

توکي آ مون چاهيو ساجن.
منهنجو تون سرمايو ساجن.

ڏيندو اهڙي لوڪ گواهي،
توکي ڏاڍو ٻانيو ساجن.

دل چوي ٿي توکي چمجي،
تنهنجو چاهي رايو ساجن.

پنهنجي گيتن ۾ واين ۾،
توکي ئي مون ڳايو ساجن.

سوريءَ سان ٿو لانوَ لهي،
"منصور" کي ميندي لايو ساجن.

❑

○

غصي منجهه نهارين ڇو ٿي؟
مسڪينن کي مارين ڇو ٿي؟

توکي ڏسڻ سان هٿ ڏکن ٿا،
ڏنڏو منهنجو کارين ڇو ٿي؟

قرب ڏئي ۽ پيار وندي جو،
اهڙو مرد ڏکارين ڇو ٿي؟

پيار ته منهنجو حق ۽ سَچُ آ،
سَچَ کي پو تون نارين ڇو ٿي؟

جيکي تنهنجا پنهنجا ناهن،
وقت تنين سان گهارين ڇوٿي؟

ڏئي ڏڙکا "منصور" کي مٽڙي،
ناحق اُن کي رڙارين ڇو ٿي؟

❑

○

منهنجو ڪعبو هڪڙي پرِي.
پوڄيان جنهن کي وري وري.

ڪوئلي مان يارو رکَ ٽياسين،
پَرَ هَن جي دل ڪين ڏري.

مَنَ منهنجي ۾ هورا ڪورا،
توبن ڪڏهين ناهه سري.

تنهنجي هٿن ۾ موت جي پايان،
سمجهان قسمت ويئي تري.

هيڏيون چوٽون، هيڏيون مارون،
لڳن جبل کي پوي ڏري.

گهوري اسان ڏي جڏهن ڏنائين،
مرڻ کان اڳ ۾ وياسين مري.

ايڏي شوخي جڏهن به هوندي،
"منصور" سچ پچ ويندو ٻري.

❑

○

ملیون توکي هر جاءِ جفائون جفائون.
اسان جون بہ ڏس تون وفائون وفائون.

اڏامان پیو مان جڏهن کان ملین آن،
زمین کان مٿي کٽین خلائون خلائون.

اسان آهیون پیارا مریضِ محبت،
ڏینِ یار ویٺا دوائون دوائون.

هدایت ملي شال ساري جهان کي،
گهلن شل امن جون هوائون هوائون.

چري تون، چريو مان سڃو جگ چوي تو،
اهو راز جڻ کي کٽائون کٽائون.

اسان هکڙي بوسي جي بدلي کیون هن.
اي "منصور" سر جون سخائون سخائون.

❑

○

ڏکين کي ڏکائڻ، چگو ڪونہ ٿيندئي.
اسان سان ڦٽائڻ، چگو ڪونہ ٿيندئي.

اسان توکي چاهيو، پو دلبر اسانجي،
رقيبن سان گهارڻ، چگو ڪونہ ٿيندئي.

ڏنئي درد ايڏو، جو آءٌ ئي ڏکي ويو،
جلي دل جلائڻ، چگو ڪونہ ٿيندئي.

برهہ باهہ ڏاڍي لڳائي آ لالڻ،
دکيل کي دکائڻ، چگو ڪونہ ٿيندئي.

چيو تو تہ اچجان ۽ حاضر ٿياسين،
چڙي منهن ملائڻ، چگو ڪونہ ٿيندئي.

ڏنئي قرب اڳ ۾، جدا هاڻ ٿين ٿو،
هي "مَنصُور" مارڻ، چگو ڪونہ ٿيندئي.

❑

○

هي منهنجو پنهنجو گهر آهي، هتي هلندي زبان منهنجي.
ٻيون ٻوليون جي ڳالهايم، تہ پو ڳرندي زبان منهنجي.

ڪيا تو وار ڏاڍا ڪي، زبان منهنجي مٽائڻ لئہ،
اثر ڪو ٿيو نہ آ ان تي، ايا وڏندي زبان منهنجي.

ميڇل دنيا جي ٻولين مان، زبان منهنجي بہ هڪ آهي،
جتي ويندين جاڏي ويندين، اتي ملندي زبان منهنجي.

هي ٻاونجاهہ تارن جي، عجب هڪ ڪَهڪَشان آهي،
ازل ڪان هيءَ قائم آ، سدا رهندي زبان منهنجي.

زبان منهنجيءَ کي ميٽڻ جي، عدو ڪيڏي بہ ڪوشش ڪر،
نہ مٽي آهہ توکان هي، نہ مٽجندي زبان منهنجي.

هنن معصوم واتن تي پلي تون چاڙهہ ٻوٽاڙو،
حق پنهنجا وڏي واکي گهري وٺندي زبان منهنجي.

"زبانون چار قومون چار" پنجين وائي وري ڇاجي؟
پلي "مَنصُور" کي ماريو، نہ هي ڦرندي زبان منهنجي.

❑

○

ڪنهن ڏي ايڏي مائل آهين!
جو تون ايڏي گهائل آهين!

پؤنرو ٻيهر ورٽو ناهي،
جنهنجي ايڏو تائل آهين!

داغ جدائيءَ جو توکي آ،
ايڏي تڏهن ڏکايل آهين!

اکڙيون آليون زلف پريشان،
شوخ ڪهين جي ستايل آهين!

پٽرن جي هيءَ دنيا آهي،
هٽڙي چا لئي آيل آهين!

عشق بر پاڻ وڃائڻ جي،
ڏاڍي تون ڪا قائل آهين!

❑

○

الاهي هن زماني جي، فضا ناساز چو آهي!
بَدِي ناهي ۽ هرڪو، پاڻ ۾ ناراض چو آهي!

ڏسان ٿو بک بيماري، وڏي بيروزگاري اڄ،
گهُرن جو هي وڏيو چئني طرف آواز چو آهي!

اميري ڏس اميرن جي، غريبي ڏس غريبن جي،
اهو قدرت بہ ماڻهن ۾، رکايو راز چو آهي!

ڪري ڪو جي ڇگائي ٿو، برو انجام پائي ٿو،
حسينن جو وري نخرو، وڏي ويو ناز چو آهي!

عجب "مَنصُور" مونکي ٿو، لڳي هن ڳالهہ تي يارو،
ڪري جو چاپلوسي ٿو، اهو ممتاز چو آهي!

❑

○

چنڊ چريا آرام ڪرڻ ڏي!
رات پرين جي نام ڪرڻ ڏي!

پنهنجي زلفن جي پاڇي ۾،
هڪ گهڙي آرام ڪرڻ ڏي!

يار رسي ويو آهي ساقي،
مئخاني ۾ شام ڪرڻ ڏي!

ڇو ٿو روڪين زاهد، مونکي،
سنڊيءَ کي پرنام ڪرڻ ڏي!

منصورن کي روڪين ڇو ٿو؟
حق حقيقت عام ڪرڻ ڏي!

❑

دلي درد پنهنجا نہ غيرن سان سلجان.
سدائين سفر ۾ تون پنهنجن سان هلجان.

پراون ۽ پنهنجن ۾ رکجان تفاوت،
غدارن ۽ غيرن سان کڏهين نہ رلجان.

اسان مرد ڏاڍا زماني کان آهيون،
اڙي ڏاڍ پنهنجا سدا پير جهلجان.

ستايل سدا آهہ سورن ۾ سنڊڙي،
ڏسي عارضي سک پنهنجا نہ کلجان.

نيايو ڏکيو ساڻ توسان سدائين،
مگر ياڙ "مَنصُور" پنهنجو نہ پلجان.

○

گلڙن جھڙا تنھنجا ڳل!
تَنِ کي چمجي پيو ھر پل!

تنھنجي سوني سونھن پسي،
پاڙا سارا ٽيا پاڳل!

پرجي آيا تنھنجا نيڻ،
ماري تن جي آب اڇل!

آب اکين مان جاري آھي،
برسيا سانوڻ جا بادل!

من ۾ مونجھ وڌي "منصور"،
وعدا پارين جي نہ مِٽل!

❑

○

اڄ ساهه بغاوت جي ٻاري، نئون نسل اتاري ويندا سين.
غدارن ۽ غيرن جي دل، سازي ٻاري ويندا سين.

اڄ ڪشتي لوڏن ۾ آهي، بس هوش! همت ۽ جوش ڪپي،
طوفانن ۽ انڌيارن مان، هي ٻيڙو تاري ويندا سين.

جي عمر مصيبت ۾ گذري، پرواهه نه آ ڪو فڪر نه آ،
هر مشڪل کي منهن ڏئي ساڻي، هي وقت گذاري ويندا سين.

نئون نسل جڏهن هي جاڳي پيو، آزاد وطن جو عَلَمُ ڪٽي،
"منصور" وطن جي ويريءَ کي، هڪ منٽ ۾ ماري ويندا سين.

❑

○

دلڙي ڦري دلبر پوءِ ڏکارڻ ۾ ڇگو ناهي،
پائڻ نہ پچي ٿو تہ ڏتارڻ ۾ ڇگو ناهي.

هي کهڙي رسم ريت ۽ هي پيار آ کهڙو،
هر روز کو بهانو بنائڻ ۾ ڇگو ناهي.

ظالم ڇو ٿو بنجين، ذرا ظلمن کي ٿڏو ڪر،
ماٹهو ڏسي مسڪين پوءِ مارڻ ۾ ڇگو ناهي.

برپا ٿي قيامت کان اڳي آهي قيامت،
دوزخ هي جدائيءَ جو تہ پارڻ ۾ ڇگو ناهي.

بي سبب هي شوخي ۾ ٿهي کانہ ٿي سائين،
"منصور" کي ائين تہ وسارڻ ۾ ڇگو ناهي.

❑

نہ حورون ٹي گھرجن نہ جنت ٹي گھرجي.
اسان لاءِ سنڌڙي ٽي سينگار آهي.

اسان ماڳ سڀ کي پڃائي سگھون ٿا،
اسان ساڻ همت جو هٿيار آهي.

چوين ٿو سياست ۾ سازش ڪريون،
انهيءَ ڳالهه کان پنهنجو انڪار آهي.

انڌا! سنڌ جو ڪائي گلائون ڪرين ٿو،
جڙو ڳالهه ان تي ته تڪرار آهي.

قرب ۾ ڪسر ڪَسَ ڪائي به ڇاٽون،
اسان وٽ نه ليکو نه واپار آهي.

او ساڻي! اسان لئه ڇا سوچين پيو تون،
اسانجي محبت ته نروار آهي.

جي غدار آهن، ڇڏي تن کي باقي،
ڪيو هر سنڌيءَ ساڻ مون پيار آهي.

ڇا "منصور" ڇاڻي سڃڻ شاعريءَ مان،
وٺس حق حقيقت جو اظهار آهي.

○

ڏسي ٿيو ڪونہ برداشت، پرينءَ کي ٻيوفا ٿيندي.
وري ملنداسين قيامت ۾، ٿيو فيصل جدا ٿيندي.

ملامت جو فڪر ناهي، جدائيءَ يار جيءَ ماريو،
وڏوسين جام ۾ هٽ ڇڏ، اهو سوچي فنا ٿيندي.

وڏو احسان ٿيندو جي سڃڻ مون کي ٻڌائيندين،
جرم منهنجو مٽا جاني، ڇڏي ٻنهنجي انا ٿيندي.

ڇڏيا ٿر در دريون کولي هلي اڄ منهنجي ڪمري ۾،
بدن ڇڏي هاڻ تون "منصور" جو هلکي هوا ٿيندي.

❑

○

كنهن کي کنهن لاءِ روئندي ڏٺوسين،
لڄندي ڦٽڪندي ۽ مرندي ڏٺوسين.

دلبر جي گهٽين ۾ عاشق کي يارو،
پاڪلن جيان هو پٽڪندي ڏٺوسين.

زهر پيالو مليو، جڏهن سقراط کي،
خوشيءَ سان کيس کي پئندي ڏٺو سين.

کونهي جرم کو هُن جو سواءِ اِنَ جي،
محبتون هردم وڙهيندي ڏٺوسين.

سرحدون عشق جون مٽي هِن ڏرم کان،
فرق مسلم-هندو، متجندي ڏٺوسين.

خدا خود ٿيو آهي، مهربان هن تي،
تڏهن عشق تحفو ملندي ڏٺوسين.

نہ آ ڏوهہ کو رقيب منهنجي جو،
پنهنجو ئي مهربان ڦرندي ڏٺوسين.

نہ موت ئي اچي ٿو، نہ کا موت آئي،
انهيءَ حال "منصور" مرندي ڏٺوسين.

❑

○

زندگيءَ کي مرڪندي گهاري ڇڏيوسين.
ڪجهہ لمحا موت کي تاري ڇڏيو سين.

اکين جي ڪڏهن روشني ڪر نہ ايندي،
ڏيئو دل جو هيڪر تہ ٻاري ڇڏيوسين.

اسان جي نصيبن ۾ غوطا ئي غوطا،
مگر تنهنجي ڪشتيءَ کي تاري ڇڏيوسين.

وڏائي جڳائي نہ انسان کي ٿي،
غصي، غرءَ آکڙ کي ماري ڇڏيوسين.

محبت ۾ يارو مرڻ کان اڳيئي،
پنهنجو پاڻ "منصور" ماري ڇڏيوسين.

❑

○

زندگيءَ جو ڪتابُ ڳوليون ٿا.
ءِ لاڳيتو حسابُ ڳوليون ٿا.

هيڏي نفرت ڏسي ڪري يارو،
محبتن جو شرابُ ڳوليون ٿا.

ڏاڍي مونجهه ماحول ۾ آهي،
ڪو نئون انقلابُ ڳوليون ٿا.

ڪيڏو حسن لڪيل آ پردي ۾،
سوچ ۾ سو شبابُ ڳوليون ٿا.

خط آيو ته آهي، پر ڪنهنجو؟
ڍڪندي ڍڪندي جوابُ ڳوليون ٿا.

"منصور" کي پڪار جي ڇا سان،
ڪوئي ڪڍجي خطاب ڳوليون ٿا.

❑

○

ڪبي تہ محبت ناهي سائين!
بس ٿي ويندي آهي سائين!

پيار جي مٺڙي درد جي هاٿي،
خبر پئي آ چاهي سائين!

جڏهن به ڪائي چوٽ لڳي ٿي،
ڇڏي ٿي باقي ناهي سائين!

فقير آخر رمندو رهندو،
ڪٽو اجايو باهي سائين!

عشق نہ آهي سيج گلن جي،
سڄ چيو ڪنهن ڏاهي سائين!

مون جڏهين آ سچ ڳالهايو،
هر کو مون تي کاهي سائينا

ڏرتي ماتا پنهنجو ڪهر آ،
ڪوئي پاڳل ڏاهي سائينا

سوئي منهنجو ساٿي آ جو،
ٿاهه ٽڪيءَ جا ڏاهي سائينا

پيار ۾ درد هزارين پوءِ به،
"منصور" توکي چاهي سائينا

○

منا مجبور کي منهڙو ڏيکارينديون ٿا چا ٿيندئي،
کلي هکڙو دفعو مونکي کيکارينديون ٿا چا ٿيندئي.

سکان ديدار تنهن جي لئه، صدين کان مان پيو سائين،
کٽي تون نيڻ اي نرمل نهارينديون ٿا چا ٿيندئي.

جڏهن مرکي منا موندي نهارين ٿو ٿا مارين ٿو،
پري کو پيار جو پيالو پيارينديون ٿا چا ٿيندئي.

پجاڻان اي پرين تنهنجي خوشي مون کان رسي وئي آ،
اچي هيکر اکڻ منهنجو اجارينديون ٿا چا ٿيندئي.

کيو تو نير بسمل آهه نيزا نينهن جا ماري،
مئل "مَنصور" کي منڙا جيارينديون ٿا چا ٿيندئي.

❑

○

ڇڏي جي ويـــاســـي وري کـــين وريـــا،
سدا قول پنهنجو نہ پاري سي سگهيا.

اسـان جون وفـائون انـهن جون جفـائون،
ڏئي قـــرب پـو چو اکڙ سـي نـہ لـڙيـا.

اسـان عـشق جي راهہ ڇاڻون سجاڻون،
ســدائين نـيـايـون، مـگـر پـاڻ ڦـريـا.

اسـان توکي چاهيـو مگر تو ڏکاريو،
ڏنيـوسين صـدائون نـہ تـو کـن ڏريا.

عجب عـشق تنهنجو اي "منصور" آهي،
ڏئي دل، شـکـايت کـرين ٿـو پو چريا.

❑

○

پل پل توکي ساريان وينو،
تنهنجا پور پچاريان وينو.

سنڌي پائر متحد ناهن،
گوندر تنهن ۾ گهاريان وينو.

ڌارين ڇڏيو سنڌ کي کائي،
توکي سائين پکاريان وينو.

جبل مصيبت، آءُ اکيلو،
پوءِ بہ ڏونگر ڏاريان وينو.

چئني طرفين، غيرن گهيريو،
ڪولي دشمن ماريان وينو.

سن جا سائين سور هزارين،
سيني سانديي گهاريان وينو.

مون منصوري دم هنيو آ،
سچ جي رسم جياريان وينو.

❑

○

ڏک سک سنڌ لئہ سهبا هلبا.
غيرن جا سر وڍبا هلبا.

ساڻي جيڪي پاڙي ٽيندا،
رستي ۾ سي ڇڏبا هلبا.

سنڌ وطن لئہ جيڪي لڙندا،
ساڻي ساڻ سي کٽبا هلبا.

ون يونٽ کي جن پي ناهيو،
پيرن هيٺان چٽبا هلبا.

غدارن آ کين گهٽايو،
سِرَ انهن جا کپبا هلبا.

جيئي سنڌ آ حق جو نعرو،
کوڙا نعرا کٽبا هلبا.

مڙسيءَ ساڻ چني "منصور"
پنهنجا سپ حق وڙبا هلبا.

❑

○

گلابي گهٽائون ڇڏيو ٿو وڃان مان،
جنوني وفائون ڇڏيو ٿو وڃان مان.

فرشتو يا ماڻهو هئو يار ڇاڇا؟
ائين ڪئين ڪٽائون ڇڏيو ٿو وڃان مان.

سُڃاتئي نہ مون کي سڃڻ يار جاني،
فقيري صدائون ڇڏيو ٿو وڃان مان.

رهين خوش اي مومل سدائين سُکن ۾،
اهي ئي دعائون ڇڏيو ٿو وڃان مان.

اکيون ڇا هيون جڏ عقابي نگاهون،
ڪي ليزر شعاعون ڇڏيو ٿو وڃان مان.

اسان کي نہ ڇاتو سڃي جڳ جانان!
نرالين ادائون ڇڏيو ٿو وڃان مان.

مـنـائڻ لئـ منهنجي ٿـيـو چا نـ آهي،
مـليـل سـيـ دغائون چڏيـو ٿـو وڃان مـان.

نـ اچيـو نـ ويجـو نـ ملـيـو نـ رلـيـو،
حـسـن جون ادائون چڏيـو ٿـو وڃان مـان.

ڪـيـو تـنـگ ڏاڍو زمـانـي آ مـونـکـي،
گـلائـون بـلائـون چڏيـو ٿـو وڃان مـان.

هٿي حق جو نعرو مـان "منصور" ٻڌجي،
جزائـون سـزائـون چڏيـو ٿـو وڃان مـان.

○

شريعت جون رمزون ڪنيو ٿو وڃان مان،
طريقت جون رمزون ڪنيو ٿو وڃان مان.

جتان ڪان هليو آن! اوڏانهن آهي ورٿو،
حقيقت جون رمزون ڪنيو ٿو وڃان مان.

لٽايو ڪهايو آ، اسلام خاطر،
حسينيت جون رمزون ڪنيو ٿو وڃان مان.

علم جام احمد ڪان جيڪو مليو آ،
معرفت جون رمزون ڪنيو ٿو وڃان مان.

بزرگن ۽ صوفين جو اتساهه بخشيو،
هدايت جون رمزون ڪنيو ٿو وڃان مان،

بـچيـــا بـاهـــ كـــان پـر هـلاد ۽ خلـيـل،
هو ليـكـت جون رمـزون كـنيـو ٿـو ويان مـان.

عـمـــر آخري ۽ ۾ مـلـيـــو عـــشـق تحـــفـــو،
ولايـت جون رمـــزون كـنيـــو ٿـــو ويان مـــان.

ڏبـوئـي ڏبـو آ، وٺـڻ جو نـ ســـوچيـــو،
عـشـاقـيـت جون رمـزون كـنيـو ٿـو ويان مـان.

هـي ســـرمـــد ۽ "مـنـصـــور"، ســـچل بـلاول،
صـداقـت جون رمـــزون كـنيـــو ٿـــو ويان مـــان.

○

پنهنجو ميلو مشڪل آهي.
دين ۾ دنيا حائل آهي.

تو جڏهن ڪان منهن موڙيو آ،
اوڪو گذريو هر پل آهي.

ڪيئن اچي ڪو تنهنجي در تي،
رستو سارو دلدل آهي.

ويجهو هوندي ايڏي دوري،
من مندر ۾ هلچل آهي.

سوچن تي ڇو ايڏا پهرا،
روح انسان جو گهايل آهي.

ڪيئي رنگ ڪڙي پيا آهن،
جسم به ڇڻ ڪا ململ آهي.

سچ ٻڌائي ٿو "منصور"
قتل ٿيڻ جي قابل آهي.

❑

وايون

○

مـــان چو ايـڏو مـنـتـــشـــر؟
پاڻ کان پل پل پچان!

چا سـنـدم دل تـي ويـو ٽـي،
هـــن جو جادوئـــي اثـــر-
پاڻ کان پل پل پچان!

شخصيت منهنجي لڏي وئي،
هاءِ ٽـيـو کـيـڏو قـهـر-
پاڻ کان پل پل پچان!

جڏ تہ سڀ ڪجهہ آ جلي ويو،
جان مـنـهـنـجي ۽ جگـر-
پاڻ کان پل پل پچان!

زندگي تنهنجي گهڙي مان،
کـيـتـرو پـيـئـبـو زهـر-
پاڻ کان پل پل پچان!

چو ڏکـهـو "منصور" لـئـہ،
ٽـي ويـو آهـي ســـفـــر-
پاڻ کان پل پل پچان!

❑

يار ڏمر ۾ ڪيترو؟
ڏونگر ڏس تون ڏيهه ڪي.

حسن بشر ۾ ڪيترو،
گهاءُ نظر ۾ ڪيترو؟
ڏونگر ڏس تون ڏيهه ڪي.

موت زهر ۾ ڪيترو،
ڏنگ ڪپر ۾ ڪيرو؟
ڏونگر ڏس تون ڏيهه ڪي.

ڪير چڪر ۾ ڪيترو،
سچ اکر ۾ ڪيترو؟
ڏونگر ڏس تون ڏيهه ڪي.

چاهه ذڪر ۾ ڪيترو،
تاب قمر ۾ ڪيترو؟
ڏونگر ڏس تون ڏيهه ڪي.

ساءُ پهر ۾ ڪيترو؟
وقت حشر ۾ ڪيترو؟
ڏونگر ڏس تون ڏيهه ڪي.

○

تنهنجي ياد ستائي، ساجن، تنهنجي ياد ستائي.
تنهنجي ياد ستائي.
تون جو ناهين ڪجهہ پي ناهي، ويو اسانکي ورنهن ورائي.
تنهنجي ياد ستائي.
عشق سندءِ ۾ سهڻا سائين،اسان ويناسين دونهين دکائي.
تنهنجي ياد ستائي.
انگ انگ ۾ آ محبت تنهنجي، چو وئين اهڙو نينهن لڳائي.
تنهنجي ياد ستائي.
منڙين منڙين ڳالهين سان تون، وئين اسانجي دل ڀريائي.
تنهنجي ياد ستائي.
جنم جنم کان گهايل آهيان، ڪو تہ هجي جو دک ورنائي.
تنهنجي ياد ستائي.
رات هلي وئي، سحر اچي پئي، اسان تہ وياسين قول نياڻي.
تنهنجي ياد ستائي.
مَلک چو ٿو، تون گهبرائين، خدا اجهو ٿو محب ملائي.
تنهنجي ياد ستائي.

❑

○

ساڻي لهه کا هاڻي سار، درد ڪايو دونهون دل ۾!
ساڻي لهه کا هاڻي سار.

بادل مان جيئن بوندون برسن اکيون وسن ائين ميگهه ملهار!
ساڻي لهه کا هاڻي سار.

راتين جو آرام نه آهي، ڏينهن به ڏنگي او ڏاتار!
ساڻي لهه کا هاڻي سار.

جام هٿن سان پنهنجي جاني، رندن کي تون اڄ کو پيار!
ساڻي لهه کا هاڻي سار.

نگر نگر اڄ نچي نانگو، جنهن کي نينهن ڪيو نروار!
ساڻي لهه کا هاڻي سار.

توجي وهه پياريو جاني، ناهي مونکي کو انڪار!
ساڻي لهه کا هاڻي سار.

ننڊ نندوري آهي سائين، ڪر سجاڳي منهنجا يارا!
ساڻي لهه ڪا هاڻي سار.

ڏاڍ جو ڏونگر آهي اوچو، همت سان تون تنهن کي ڏارا!
ساڻي لهه ڪا هاڻي سار.

دشمن جيڪي سنڊ جا آهن، ڪولي اهڙا موڏي مارا!
ساڻي لهه ڪا هاڻي سار.

ڏاڍو ڏکيو گهاريان ويٺو، ڏينهن ٻه ٽي ڪي گڏ گذارا!
ساڻي لهه ڪا هاڻي سار.

سڪ تنهنجي ۾ سهڻا سائين، "منصور" سجائي آهي دارا!
ساڻي لهه ڪا هاڻي سار.

○

هر پل حاوي رهندي مون تي، سنڌ وطن جي تاري تات.
جيئي سنڌ جي وائي وات!

منهنجو ٿيندين، مجڻي پوندء، هرڪا منهنجي دل جي بات.
جيئي سنڌ جي وائي وات!

چا ٿو سوچين، منهنجا ساڻي، توڙي آهي ڪاري رات.
جيئي سنڌ جي وائي وات!

سنڌي ٻولي، قومي ٻولي، آهه لڳي سپ ڪنهنکي لات.
جيئي سنڌ جي وائي وات!

ڪو نہ ٿا سوچون سنڌ سواڪجهہ، سوچ جي آهہ عطا ٿي ذات.
جيئي سنڌ جي وائي وات!

هر جا هر هنڌ آمر ظالم، دشمن ٿيندا رهندا مات.
جيئي سنڌ جي وائي وات!

سيئي ماڻهو پائر آهن، ڪير پچي ٿو ذات صفات.
جيئي سنڌ جي وائي وات!

سڄ "منصور" اجهو ٿو ايري، مَلڪ ڦٽي پئي ٿي پرڀات.
جيئي سنڌ جي وائي وات!

عجز نياز سان جهكي كندو جو، سندڙيءَ کي پرنام،
اسانجو مٿس سلام!

جيئي سنڌ جو هرپل هردم، جيڪو پيئندو جام،
اسانجو مٿس سلام!

وڙهندي وڙهندي ويرين سان جو، سنڌ لئه ٿئي قتلام،
اسانجو مٿس سلام!

سنڌ جيجل لئه سرڙو ڏيندو، جو ٻچڙو گلفام،
اسانجو مٿس سلام!

غيرن جي ته صفن ۾ ساڻي، وجهندو جو ماتام،
اسانجو مٿس سلام!

سنڌي پڙهندو، سنڌي لکندو، سنڌي ٿيندو عام،
اسانجو مٿس سلام!

دودو بنجي رهڻو پوندو، بڻبو ڪونہ غلام،
اسانجو مڻس سلام!

سنڌي بولي قومي بولي، آهي هي الهام،
اسانجو مڻس سلام!

پنهنجا حق ڪسي اڄ وڃبا، پل تہ لڳي الزام،
اسانجو مڻس سلام!

غير غدار تي جوبہ وجهي ٿو، لعنت صبح و شام،
اسانجو مڻس سلام!

مَلڪ امڙ کي سجدو ڪريان، سنڌ وڏو انعام،
اسانجو مڻس سلام!

○

موت چا ماريندو مونکي، مان موت کي ماري ويندس.
جيون کي سنوار ي ويندس!

جذبو عشق جو مان تنهنجي، سيني ۾ اڻاري ويندس.
جيون کي سنوار ي ويندس!

جبل مصيبت جا مان سائين، ڏاڍا ڏاري ويندس.
جيون کي سنوار ي ويندس!

چا ٻه ٽئي پر تولئه مان، کيئين رنگ نکاري ويندس.
جيون کي سنوار ي ويندس!

عشق تنهنجي ۾ پرواني جان، پاڻ کي ٻاري ويندس.
جيون کي سنوار ي ويندس!

منهنجي راڻي توسان سيڻي، واعدا پاڙي ويندس.
جيون کي سنوار ي ويندس!

موت جي بستر تي پي توکي، ڏاڍو ساري ويندس.
جيون کي سنوار ي ويندس!

مون چاهيو آ مان توتان، سڀ ڪجهه واري ويندس.
جيون کي سنوار ي ويندس!

"منصور" تہ آهيان آئون منڙا، سوري کي سنواري ويندس .
جيون کي سنوار ي ويندس!

٠ ○

اجڙي ڳوٺ ڳلـــي وئـــي،
مون کان ڏور هلي وئي.

"توکان ڏور گذاريندي!"
پنهنجي دل نہ پلي وئي-
مون کان ڏور هلي وئي.

تنهـاين جي ميلي ۾ آ،
کائـي آس جلـي وئـي-
مون کان ڏور هلي وئي.

آڻـي ڳالهـــ چپن تائين،
کيـئن آ هوءَ الـي وئـي-
مون کان ڏور هلي وئي.

گل ايان ناهي بٽي،
ماري ڇڏ تہ ڪلي وئي-
مون کان ڏور هلي وئي.

تنهنجي منهنجي پيار جي،
جت ڪٿ ڳالهہ هلي وئي-
مون کان ڏور هلي وئي.

روئندي آ "منصور" جي،
ساري رات ڏلي وئي-
مون کان ڏور هلي وئي.

منهنجو من آتو،
پير نہ تو پاتو-
ڪوئي ڪارڻ آ پرين.

ساهہ سڏڪا تو پري،
من تولئہ آ تو-
ڪوئي ڪارڻ آ پرين.

اکين ۾ ڳوڙهن سندو،
توسان ئي ناتو-
ڪوئي ڪارڻ آ پرين.

ڪيڏو دل کي ٽو وڻي،
چوڪر هيءُ ٻاتو-
ڪوئي ڪارڻ آ پرين.

توسان ئي "منصور" آ،
نينهن پرين لاتو-
ڪوئي ڪارڻ آ پرين.

○

ياد اوهان جيءَ ۾ سڄو،
بدن پيو ٽو سڙي-
شل ائين نہ ڪنهن سان ٽئي!

پنهنجي در تان فقير ڪي،
هر ڪوئي ٽو ٽڙي-
شل ائين نہ ڪنهن سان ٽئي!

عشق اوهانجي ۾ پيو سدا،
آب اکين مان ڳڙي-
شل ائين نہ ڪنهن سان ٽئي!

عشق عقل ٻئي پاڻ ۾،
ڪير نہ ڪنهن سان لڙي-
شل ائين نہ ڪنهن سان ٽئي!

ڏس تولئہ "مَنصُورَ" پيو،
هر پل روئي رڙي-
شل ائين نہ ڪنهن سان ٽئي!

❑

○

ٻين سان ٽو مرڪين پيو،
مون کان ٽو چرڪين پيو-
صنم انهيءَ کي ڇا چئون؟

رقيبن کي چاهين سدا،
مون کي ڌاهين سدا.
صنم انهيءَ کي ڇا چئون؟

ٻين سان تون محبت ڪرين،
مون سان ٿي نفرت ڪرين-
صنم انهيءَ کي ڇا چئون؟

ٻين کي پرچائين پرين،
مونسان اچائين پرين-
صنم انهيءَ کي ڇا چئون؟

غيرن سان محفل متل،
مون لئه جڙ آهي اجل-
صنم انهيءَ کي ڇا چئون؟

ٻين لئه ٻاجهارو سدا،
ءِ مون تي مارو سدا-
صنم انهيءَ کي ڇا چئون؟

هن جي من ۾ پياس ڇو،
آهِ"منصور" اداس ڇو-
صنم انهيءَ کي ڇا چئون؟

❑

○

نظرن کيو قهر،
صنم گهٽو پيار ڏي.

تنهنجي در جي سامهون،
شل ٿئي منهنجو گهر.
صنم گهٽو پيار ڏي.

جڏ آ ڳڙڪائي وئي،
نفرت هيءُ ننگر.
صنم گهٽو پيار ڏي.

شاهد پنهنجي پيار جو،
اوڙو پاڙو، تر.
صنم گهٽو پيار ڏي.

توکي جي سجدو کيان،
کهڙو آهي کفر.
صنم گهٽو پيار ڏي.

پيار کري توسان آ،
تيو "مَنصُور" اَمرُ.
صنم گهٽو پيار ڏي.

❑

○

منهنجو تون آن، آئون تنهنجو، پرتو توکي هيءُ غريب.
راهون تنهنجون روز نهاريان!

حب هميشہ تنهنجي دل ۾، آهين منهنجو تون ئي نصيب.
راهون تنهنجون روز نهاريان!

وچ نہ پري تون مون کان جاني، ره تون منهنجي يار قريب.
راهون تنهنجون روز نهاريان!

عشق مچائي آتش آهي، باهہ اندر ۾ ٻري عجيب.
راهون تنهنجون روز نهاريان!

ٿنا حسن جي کنهن لکي آ، اهڙي طاقت کنهن نہ اديب.
راهون تنهنجون روز نهاريان!

نوکر ئي مان تنهنجو رهندس، منهنجي تن جو تون ئي طبيب.
راهون تنهنجون روز نهاريان!

مون منصور سڏايو جڏهين، منهنجو ٻٽيو جگ رقيب.
راهون تنهنجون روز نهاريان!

❑

نظم

اگر سنڌ جيجل جيارڻ گهرين ٿو،
اگر ماءُ جو هاڻ ناري گهرين ٿو،
وطن تان مصيبت جي تارڻ گهرين ٿو،
۽ غدار دشمن کي مارڻ گهرين ٿو،
ته چڙ ماءُ جي جهه ِلي هليو آءُ باهر،
وري اڄ ٿي ڏيکار دودو دلاور.

لطيفي جي بولي جيارڻ گهرين ٿو،
دريا خان جو روح ناري گهرين ٿو،
عزت ساڻ دنيا ۾ گهارڻ گهرين ٿو،
امڙ ساڻ جي قول پارڻ گهرين ٿو،
ته سر گهور، گهرگهور، هوشوءَ وانگر،
يا سوريءَ کي سينگار، هيمون وانگر.

اگر ڌارين کي ڏکارڻ گهرين ٿو،
۽ تن لاءِ پارڻ جي پارڻ گهرين ٿو،
سپيئي حق پنهنجن کي ڏيارڻ گهرين ٿو،
ته جلدي جيئي سنڌ نعرو هڻي اٺ،
هٽن منجهه جهندو وطن جو کڻي اٺ.

○

او سائين...!

منهنجي جيت به هار او سائين،
ڇا ڪان ٿئين بيزار او سائين.

قول نيائڻ جا تو ڪيڙا،
وعدا تنهنجا ڪاڏي ويڙا،
ڇالئه ڪيئي انڪار او سائين.

واه پيارا پيار اوهانجو،
تو بن هيٺو حال اسانجو،
توکي سڀ اختيار او سائين.

پيار جو پنڌ اٿانگو آهي،
پيار جو ملهه مهانگو آهي،
وڪون هلئين ٿي چار او سائين.

توتان صدقي سيڪجهه ڪريان،
ساهه به پنهنجو گهوري ڇڏيان،
اگر ٿئي ديدار او سائين.

سنڌ ڏکن ۾ تون چپ آهين،
حيف هجئي "منصور" سڏائين،
شعر ۾ شعلا پار او سائين.

❑

○

آئـي جاڳ سـنـڊي، آئـي جاڳ سـنـڊي،
سڪـهـو مـاڻ پـنـهـنجو، وري مـاڳ سنڊي.

دل و جان سـان سـنڌ جي خدمت ادا ڪـر،
غدارن ۽ غيـرن تـي لـعـنـت سـدا ڪـر،
ورائـج وري ديـس ڏي واڳ سـنـڊي.

جيـئـي سـنڌ نـعـرو سـرِعـام آهـي،
لـبن تـي رهـيـو سـنڌ جو نـام آهـي،
"جيـئـي سـنڌ" جو ڳاءِ اڄ راڳ سـنـڊي.

اسـان کي مـرڻ سنڌ لـئـي مـنظـور آهـي،
اسـان ۾ مَلڪ هـرڪـو "مـنـصـور" آهـي،
وريـو ڄاڻ پـنـهـنجو اجهـو پـاڳ سـنـڊي.

آئـي جاڳ سـنـڊي، آئـي جاڳ سـنـڊي،
سڪـهـو مـاڻ پـنـهـنجو، وري مـاڳ سنڊي.

○

مولانا عبيدالله سنڌي رحہ

ڪئي اسلام جي پرچار، مولانا عبيدالله.
غريبن سان ڪيو آ پيار، مولانا عبيدالله.

ڏنو انسانيت جو درس پنهنجي وقت ۾ دولهہ،
حقيقت کي ڪيو نروار، مولانا عبيدالله.

سچائيءَ صداقت جو ڪري پرچار دنيا ۾،
امن لئہ راهہ ڪئي هموار، مولانا عبيدالله.

رهي سنڌ ۾ ويا بلڪل، سنڌيت جي رنگ ۾ رڱجي،
وطن سنڌ سان ڪيائون پيار، مولانا عبيدالله.

امن اتحاد جو پيغام ڏئي اقوام عالم کي،
مٽايو جنگ جو آزار، مولانا عبيدالله.

سوا سرڙو سهائڻ جي، نہ ملندي يار آزادي،
اٿو جاڳو، ڪٽو هٿيار، مولانا عبيدالله.

جهڪائي عزم هن جي ڪي، نہ سگهيو ڪو ڪڏهن آمر،
ڪيو هر آڇ ڪان انڪار، مولانا عبيدالله.

"عدل، انصاف، آزادي" هئو نعرو تہ سنڌيءَ جو،
اصولن تي نہ ڪيو واپار، مولانا عبيدالله.

اسان سنڌي ويون سڌري، غلامي ڪان ٽيون آجا،
هنڌايون جي فڪر افڪار، مولانا عبيدالله.

وڏو جنهن سنڌ ساگر پارتيءَ جو سنڌ ۾ پايو،
ڪيو هُن قوم کي بيدار، مولانا عبيدالله.

اسان طالب اوهان عالم اچو گڏجي ڪيون ڪوشش،
وطن سنڌو ڪيو، گلزار، مولانا عبيدالله.

اسان "مَنصُور" موجوده، زماني جا سڏايون ٿا،
ڏئي هوڪو سجايون دار، مولانا عبيدالله.

○

جلي جلي دل جلي وئي

انڊي دنيا کي سمجهائين، چالڪ ويٺو نير وهائين،
چو ٿو پنهنجو وقت وڃائين، سڀ کي ويٺو شعر ٻڌائين،
نعرو جيئي سنڌ لڳائين، پير نه پٺتي ڪڏهين پائين،
چو ٿو پنهنجي نند ڦٽائين، عشق سندءِ کي سمجهيم سائين،
ڪاڪ پرولي سلي وئي، جلي جلي دل جلي وئي.

انسانيت جو سبق ڏئين ٿو، گونگن ماٺهن لاءِ رئين ٿو،
نند ڦٽائي شعر چوين ٿو، ڪٽين ۾ تون پاڻ ڪرين ٿو،
سچ چوڻ کان کين ڊڄين ٿو، آمر کان تون حق گهرين ٿو،
جيئي سنڌ جي ڳالهه ڪرين ٿو، غير غدار سان خوب لڙين ٿو،
نند آ تنهنجي هلي وئي، جلي جلي دل جلي وئي.

دنيا ليکن دوکو آهي، هتڙي سيکو مطلب چاهي،
سچ واري تي سڀ کو باهي، کوڙ چوڻ تي کجهه يي ناهي،
ٿورن ماٺهن سمجهيو آهي، جيئي سنڌ جو مطلب چاهي،
سنڌ وطن تي سيکو ڪاهي، سيکو سچ سان سينو ساهي،
گولي هت آ چلي وئي، جلي جلي دل جلي وئي.

پنهنجن ساڻ پيار ڪرين ٿو، الفت جو اظهار ڪرين ٿو،
انسانيت نروار ڪرين ٿو، دم دم ۾ ديدار ڪرين ٿو،
سنڌڙيءَ لئہ ويچار ڪرين ٿو، راه ڏکي هموار ڪرين ٿو،
سوريءَ لئہ سينگار ڪرين ٿو، هت هُت نيڻ نهار ڪرين ٿو،
تنهنجي راه آ جهلي وئي، جلي جلي دل جلي وئي.

سنڌ اسان لئہ سپ ڪجهہ آهي، ڪير انهيءَ سان سينو ساهي،
بد خواهن کي رکبو ڀاهي، ڪنڌ انهن جو ڇڏبو لاهي،
جيڪو پنهنجن تي ٿو باهي، اهو اسان مان ناهي ناهي،
ڀچو ڀچو ٿيو باغي آهي، هرڪو اڄ "منصور" ٿيو آهي،
ريتي ٿي هر ڳلي وئي، جلي جلي دل جلي وئي.

○

سنڌ جا دودا جلدي آءُ،
شاعر سائي اڀتي آءُ.

سنڌڙي ٽي اڄ توکي ساري،
سنڌي ٻولي پيئي پکاري،
ديرنہ کر تون ايڏي ٻاءُ.

سنڌ امڙ تان سر ڏيندا سون،
هوشو هيمون سيڻ ڏيندا سون،
جيئي سنڌ جو کر ڦهلاءُ.

مڙس ٽي ويرن سان وڙهندا سين،
سنڌ نہ پنهنجي ير ڏيندا سين،
پنهنجو سيڻ کي آهه چتاءُ.

سنڌ کي ناهيو ۽ سينگاريو،
علم سنديون اڄ ڄاڻيون پاريو،
آڻيو شمعن وارو شعاءُ.

هر سنڌي آ پاڻ اسانجو،
پنهنجن سان سرچاءُ اسانجو،
ورندو ڇاڻ سڪن جو واءُ.

تو ڪئي پياري پنهنجي جندڙي،
مونکي ساهه ڪان پياري سنڌڙي،
جنهن جولنءُ لنءُ منجهه لڳاءُ.

پٽ ڏٽيءَ جي ٻهڳڻ ٻولي،
سنڌ امڙ جي مٺڙي لولي،
جنهن مان خوب اچي ٿو ساءُ.

سنڌي آهيون، سنڌي ڳايون،
سنڌيءَ ۾ سڀ سان ڳالهايون،
سنڌ "مَلَڪَ" آ جيجل ماءُ.

سنڌ جا دودا جلدي آءُ،
شاعر ساڻي اچتي آءُ.

○

مان گهايل هان- مان گهايل هان

هن سنڌ ڏرتي جي سيني تي، مون کيئي سور سٹا آهن،
کجهہ پنهنجن کان کجهہ ڏارين کان، مون ڏکيا ڏينهن ڏٹا آهن،
هن سنڌو ماتا ڏرتيءَ لئہ، هت کيئي جوان کٹا آهن.
مان گهايل هان، مان گهايل هان.

اسان هن کي قرب ڏنو ۽ هت ۾ هت ڏئي تاريو آ،
اسان هن کي پاڻ سڏي، هر ساه ۾ ساندي ساريو آ،
هو پنهنجي بولي بولي ٹو، هو ڏاريو آخر ڏاريو آ،
مان گهايل هان، مان گهايل هان.

هن سنڌ وطن جي سانگين تي، کي ڏاڙيلن جا ڏاڙا هن،
۽ جو ٻي شاعر حق چوي ٹو، تنهن لئہ کات کهاڙا هن،
پر آءُ ڏسان ٹو ويرين جا، اڄ بول اسان سان پاڙا هن،
مان گهايل هان، مان گهايل هان.

پنهنجن کان جي گهاءُ رسيا سي، سيني اندر ساريان ٹو،
سنڌڙيءَ سان جي قول کيا ٹر، هک هک هاڻي پاريان ٹو،
غير غدار تي لعنت وجهيو، پنهنجي دل کي ناريان ٹو،
مان گهايل هان، مان گهايل هان.

اڄ ٻول لطيفي ٻولي اٺ، اڄ سچ جي واٽ کي ڳولي آٺ،
ڀ آزاديءَ جو علم کڻي، زنجير غلاميءَ کولي آٺ.
ڏئي آزاديءَ جو درس سڄڻ، تون ذهن کي ڇاڇولي آٺ،
مان گهايل هان، مان گهايل هان.

تون ڇا ٻ چوين تون ڇا ٻ ڪرين، هر ظالم کي اڄ مرڻو آ،
جا چٽنگ دکائي ڪالهه هئي، اڄ ٻارڻ تنهن مان ٻرڻو آ،
هَڙَ غيرن کي ساڙي ٻاري، آزاد وطن کي ڪرڻو آ،
مان گهايل هان، مان گهايل هان.

مونکي آ منظور اگر، بهتان اوهان کي مڙهڻو آ،
مان آهيان "منصور" سو مونکي! ڪاهيءَ تي اڄ چڙهڻو آ،
پل سوريءَ تي چاڙهيو مون کي، پر سچ جو ڪلمو پڙهڻو آ،
مان گهايل هان، مان گهايل هان.

○

گهوٽ پٽائي تون ئي چئـ،
انصاف جو کهڙو گهندءِ وڃايان!

گهر ۾ ان جو داڻو ناهي، هاري ڏس تہ ڪيئن جئي ٿو.
پيٽ مٽارو خان وڏيرو، محلن منجهہ شراب پئي ٿو.
هيءَ نظام، انڌير ننگر جو، من کي کيڏي پيڙ ڏئي ٿو.
گهوٽ پٽائي تون ئي چئـ،
انصاف جو کهڙو گهندءِ وڃايان!

تنهنجي ورسيءَ تي او پٽائي، هڪ پيري مون شعر پڙهيو هو،
وقت جو حاڪر پڇندو آيو، جيڪو مون سان خوب وڙهيو هو،
تنهنجي عاشق صادق آهيان، تڏهن مون تي جيل مڙهيو هو.
گهوٽ پٽائي تون ئي چئـ،
انصاف جو کهڙو گهندءِ وڃايان!

آءُ ٻڌائي مون کي توسان، دل جون ڳالهيون ڪرڻيون آهن،
گهوٽ اسي ۽ ڪنوار ڏهن ٻر، ڏرتي ڇايون پرڻيون آهن،
مال جي چوريءَ بعد بہ پاڪئي، ڏند ۽ چنيون پرڻيون آهن.
گهوٽ ٻڌائي تون ئي ڇڪ،
انصاف جو کهڙو گهند وڃايان!

ڏرتيءَ جي جن ساک ڪئي هئي، وقت جا ٿي ويا سي تہ سلامي.
تنهن جو سنهن آ سندڙي جيجل، ڪرڻي ناهي غير غلامي.
ڪوڙا عاشق ڪوڙا طالب، پرمٽ تي ئي ويا وڪامي،
گهوٽ ٻڌائي تون ئي ڇڪ،
انصاف جو کهڙو گهند وڃايان!

منشي، سيد جيل ۾ آهن، سچ چوڻ هت ڏوهہ وڏو آ،
ڳالهہ ڪرڻ اڄ قوم وطن جي، حاڪم ڇئي ٿو ڪم جڏو آ،
ڪيئن مڙي منصور او سائين، حق وارن جو هيءُ لڏو آ.
گهوٽ ٻڌائي تون ئي ڇڪ،
انصاف جو کهڙو گهند وڃايان!

○

سنڌي آهيون، سنڌي يار!
پنهنجو ظالم سان تڪرار!

ون يونٽ جو ڪوٽ ويو ڪپجي، ظلم سندا زنجير ويا ڪٽجي.
ڏاڍ نہ رهيو، ويڑو وڌجي، ظالم جو ويو نالو مٽجي.
جاڳيا جڏهين ٻيڑا ٻار، پنهنجو ظالم سان تڪرار.

سنڌي قوم کي گدڑ نہ سمجهو، جاڳيا جڏهن پاڻ کي جهلجو،
شير اڻي پيا، پٺتي نہ هٽجو، ڪائنر پٽ ڏئي ڪينڪي ڀڄجو،
حساب وٺبو هڪ هڪ يار، پنهنجو ظالم سان تڪرار.

سنڌ خلاف جو قلم ڪٽي ٿو، ڪائي سنڌ جي گلا ڪري ٿو،
پنهنجي پير تي ڪات هٽي ٿو، پنهنجي ڪارڻ ڪڏ ڪٽي ٿو،
ڪڏ ٻر ڪرندو ٽيندو غار، پنهنجو ظالم سان تڪرار.

ڪيئي ورهيه هي سور سناسين، نوڪرين تان هٿ ڪنياسين،
ٻنين تان بي دَخلُ ٿياسين، سڀ ڪجهه ڏيئي سڀق سکياسين،
ظالم ڪيڙا ظلم هزار، پنهنجو ظالم سان تڪرار.

پنهن جي پيرن هلٽو پوندو، دودو بنجي رهٽو پوندو،
هر ظالم کي اڄ مرٽو پوندو، ديس نہ هيڪل ڇڏٽو پوندو،
آهه اسانجو هي اقرار، پنهنجو ظالم سان تڪرار.

"مَلڪ" امڙ کي سر ڏيندا سون، هوشو، هيمو سڀ ٽيندا سون،
حق جو هوڪو ڏئي ويندا سون، مرکي مقتل ۾ ايندا سون،
حيدر جا ٽي اڄ حبدار، پنهنجو ظالم سان تڪرار.

○

شهيد عبدالرزاق سومري جي حضور ۾

ڏرتيءَ کي او پوڄيندڙ ميان، توکي ڏاڍو ساريون ويٺا!
مان مٽيءَ جو ٿيڻ کيو اوچو، تنهنجي جوت جڳايون ويٺا!

پنهنجن ڏاڍا پور ڏنا هن، ڏارين پڻ آ کين گهٽايو،
جر اکين مان جاري آهي، نيٽين نير وهايون ويٺا!

تنهنجو عزم هو ڏاڍو اوچو، تنهنجي همت جوان هئي،
عزم اهوئي دل ۾ سانديي، ڏاڍ جو ڏونگر ڏاريون ويٺا!

ڏيهه ۾ جن ڏکار وڏو ۽ پياسي ٽيا هن پنهنجي رت جا،
موذي اهڙا مات ٽين شل، ڏٽيءَ در ٻاڏايون ويٺا!

بيت بهارن جا نہ وٹيا ۽ گيت گلن جا ڪونہ وٹياسين،
سانگيئڙن جا سور سيئي، واين ۾ ورجايون وينا!

تون مڙس هئين مهميڙ هئين، تون مانجهي مرد مٽير هئين،
تو روشن جيڪا شمع ڪئي سا خون جگر سان ٻاريون وينا!

پيسي تي ٿا ذهن وڪامن، ڪيڏي سوچ آ سستي ٿي وئي،
پنهنجن جا هي حال ڏسي پو ڳڻتين ۾ دل ڳاريون وينا!

نيٺ تہ ورندو واءُ سٽائو، سوڀ ملي "منصور" کي ويندي،
آس انهيءَ تي سومرا سائين، پنهنجو من پرڀايون وينا!

○

ڪاليج پيارا، او ڪاليج پيارا.

ڏاڍو تون مونکي پيارو لڳين ٿو،
گلڙن کان وڌ تون نيارو لڳين ٿو،
آرڙهه ۾ تون جڻ سيارو لڳين ٿو،
تنهنجي بدولت آهيون سڪهارا،
او ڪاليج پيارا.

باغن جي سُرهي خوشبو سنگهان ٿو،
جوڙا سجوڙا، چوڏس ڏسان ٿو،
محبت جا مڙا نغما ٻڌان ٿو،
سرها هجن سڀ دل جا سچارا،
او ڪاليج پيارا.

ڪاليج ميوزيم، ڪينٽين چاهي،
هت ٻن دلين جو تہ ميلاپ آهي،
سيکو ڊسڪشن هال ڏانهن ڪاهي،
چاچا ٻڌايان، رنگين نظارا،
او ڪاليج پيارا.

ڪينڌين ۾ ئي آڪڙيون ملن ٿيون،
فنڌا ۾ ڪوڪا، ڏاڏيون وٽن ٿيون،
ڪٿين قرب واريون ڳالهيون ٿين ٿيون،
آهن ساڻ نڪرن دل جا غبارا.
او ڪاليج پياارا.

معذرت سان ميڊم کي آئون چوان ٿو،
ٻئي هٿ ٻڌي هڪ، عرضڙو ڪيان ٿو،
ڪريو نہ ڪاوڙ پنهنجن ٻچن تي،
ڪريو پاس سڀ کي، عرض آ خدارا.
او ڪاليج پياارا.

توتي اسانکي صد ناز رهندو،
دنيا ۾ تنهنجو ئي آواز رهندو،
انجام رهندو ۽ آغاز رهندو،
سنڌوءَ جا ساوا، رهن شل ڪنارا،
او ڪاليج پياارا.

هي گيت نوگيڌر جي پارٽي ڏسين ٿو،
۽ پارٽيءَ ۾ پيو چا ڏسين ٿو پسين ٿو،
هيڏي آ جوپن ۽ هوڏي جواني،
کي "منصور" سمجهن پنهنجا اشارا.
او ڪاليج پياارا.

هائيڪا

چو ٿو تون چرڪين؟
سڀ ڪجهه توتان گهوريان،
مٺرا جي مرڪين.

●

لکيل خط منهنجو،
يارَا پڙهي ڦاڙي ڇڏيئه،
پيار عجب تنهنجو!

●

تنهنجو خط آيو،
چمي چشمن تي رکيم،
مون لئه سرمايو.

●

توکي پيار ڏنم،
دل جو تون آهين ڏٺي،
رب جو آهه قسم!

❑


آزاد نظم

○

ايڪسيڊنٽ!

هوءَ Drive ڪري،
نڪري پيئي،
ڀ مون ڪاڏي موڙي-
گيٽ جي اندر-
گاڏيون ٻيئي-
آمهون سامهون،
بلڪل ويجهو-
بمپر بمپر سان
ائين جيئن-
پريمي جوڙي جو-
نڪ نڪ سان!!
بتيون بتين سان -
ائين جيئن-
اکيون اکين سان!!
مونڊانهن نهاري،
صحيح سجاڻي،
ڪلندي ڪلندي،
گاڏي موڙي،
پاڻ سنيالي،
مهنجا سپنا
ساڻ ڪڍي وئي
منهنجا رستا جام ڪري وئي!

❑

○

جيئي امڙ جيئي سنڌو!

تو سڃڻ،
هي ڇا چيو!!
تہ
جيئي سنڌ جو
ڏيان ڇڏي نعرو هڻڻ!
افسوس تنهنجي سمجهہ تي،
تنهنجي عقل کي جس هجي!
شابس هجي!
آخر کار هي
توکي ڇا ٿي ويو
اڳ ۾ تہ امڙو کين هئين!
تون مڙس هئين
مانجهي هئين!
تو جيل جون کوٽيون ڏٺيون هيون
سنڌڙي لئہ،
سنڌ جيجل ماءُ لئہ!
اڳ ۾ تہ ساڻي!
سنڌ جا نعرا هٿائيندو هئين
"جيئي امڙ" چوندو هئين،
تون جوش ڏيارندو هئين

غيرت ڏياريندو هئين!
پر!!
چا چوان
اج توکي هي چا ٿي ويو
هي جلدي ڦيرو!!
هاڻ مان سمجهي ويس
تو ماءُ سان پنهنجو پراٿو
قول پاڙيو ڪينڪي!
آزل کان
قائم رهڻ واري "امڙ" کي
مستقل زنده رهڻ واري امڙ کي
تو ڇڏيو آهي وساري،
صرف پنهنجي فائدي لئه!
چند سِڪن جي عيوض
۽ چند ٽڪن جي عيوض
اج خوب تون نعرا هڻي
هڪ شخص کي جيارين پيو!
افسوس صد افسوس تنهنجي حال تي!
بَدّ!
هاڻ تنهنجي واٽ ۾ آ
۽ اسانجي راه ۾ آ

هاڻ پنهنجي قرب جو،
رشتو ٽٽل آ.
پر ياد رکجان
ڪالهه منهنجي هيءَ تون
دنيا سدا رهڻي نه آ
پر سنڌڙي آهي امر!
زنده سدا رهندي پئي،
جڳ جڳ امڙ جيئندي پئي-
آي دوست!
تون مونکي نه جهل
مونکي نه روک
سنڌ جو نعرو هڻان!
سؤ سؤ دفعا چوندو رهان
"جيئي امڙ، جيئي سنڌو"
جيئي سنڌو، جيئي امڙ!
جيئي سدا سنڌڙي امڙ.

○

ڏاڙو

اسپتال ۾ ٽي وي،
هلي رهي آهي.
مريضن لاءِ،
وينا آهيون ڊاڪٽر ۽ نرسون،
پروگرام "گيت مالا"
ڏسڻ ۾ رڌل!
هڪ مريض-
جنهنجو پير آهي وڊيل
ريڑهيون ڏيندو
اچي ويٺو آ
منهنجي اڳيان
نہ ڄاڻ ڇو
بيچان ٽي لڳيم!

❑

○

دارون منهنجي درد جو!

پاءُ منهنجي ڪي
دل جو دورو
آهي ڪورو
اسپتال پهچون ٿا
ڊوڙي ڊوڙي
ڊاڪٽر نرسون
لڳي وڃن ٿا!
علاج ڪرڻ ۾-
مونکي ڏين ٿا.
لکي سئي هڪ.
جنهنجو نالو آ
Strepto- Kinase
عام انکي
S.K چون ٿا

آندي مون جا
چئين هزارين
خاص ڊرپ ۾
وڏائون جيڪا
ليبل ڪيائون
اسٽڪنگ پلاسٽر تي
لکي S.K
.....
وڏي نقصان کان
بچي ويوآ
مونکي چيائون
حياتي هن کي
وري ملي آ
وقت تي S.K
لڳي وئي آ
آئون پڇان ٿو
S.K ------ چاهي؟
هارٽ اٽيڪ ۾
زندگي بچائيندڙ
دعا جهڙي هي دوا آ.
آئون سوچيان ٿو
مونکي به ته هڪڙي ايس .ڪي
بخشي آهي نئين حياتي .
۽ پوء ڊرپ تان لاهي
ليبل S.K
ڪارپنهنجي جي .

ڊيش بورڊ تي
مون آ لڳايو.
دوست ڪار ۾-
ويهندي لهندي،
پڇيو ونن تا.
S.K ڇاهي؟
مان مرڪان ٿو
لنوائي ڇڏيان ٿو
دل ۾ سوچان ٿو
(لوڪ ڇا ڇائي؟)
ها!!!
مان ڇائان ٿو!!
ايس . ڪي ڇاهي؟
ايس .ڪي منهنجي حسرت آهي
اهائي منهنجي،
پهرين خواهش
آخري خواهش
ها
ايس.ڪي منهنجي آهي محبت!

قطعات

ٻين کي غمن کان ڇڏائي ڇڏيوسين،
۽ آرام پنهنجو ڦٽائي ڇڏيوسين،
نہ ٽيو وقت سائي تہ پرواهہ ناهي،
پنهنجو سات پيارا نيائي ڇڏيوسين.

•••

وساري ڇڏيو تو، وساريان نٽو مان،
ڏکاري ڇڏيو تو، ڏکاريان نٽو مان.
ڏنر دلڙي ٽوکي، وري غير ڏي اڄ،
کٽي اک پنهنجي، نهاريان نٽو مان.

•••

ايا يار جگ ۾ جيئڻ گهرين ٽو،
وري راند هاريل تون جيتڻ گهرين ٽو،
مدهوشيءَ ۾ چاڄا نہ کيڏڻ گهرين ٽو،
تون خالي ايا جام پيئڻ گهرين ٽو.

•••

محبت ڪري پوءِ ڊڄڻ آهہ ڪهڙو،
جي ڦاٽو تہ ڦٽڪڻ، لڄڻ آهہ ڪهڙو،
جي "منصور" آهيو، تہ ڦاسي سجايو،
لڪي گهر ۾ نعرو هڻڻ آهہ ڪهڙو.

وعدا پنهنجا پاريندا سين،
سنڌي ٻولي جيارينداسين.
ڪير اسانجي راهه جهليندو،
غدارن کي ماريندا سين.

•••

هاري پورهيت جيارينداسين،
وعدو سنڌ سان پاريندا سين.
جيڪي دشمن، پنهنجا آهن،
پارڻ تن لئه پاريندا سين.

•••

سنڌي پنهنجي ٻولي ٽيندي،
سنڌواسين جي لولي ٽيندي.
آهي پنهنجو عزم اهوئي،
حق جي خاطر هولي ٽيندي.

•••

هڪڙو ڪنڊ گذاري وڃ،
محبت جو مڃ پاري وڃ.
عرض ڪيو ٿر نندڙو سائين،
منهنجو اڳڻ اجاري وڃ!

سنڌ وطن سان الفت منهنجي،
غيرن سان آ ڪلفت منهنجي،
هر سنڌيءَ سان پيار ڪريان ٿو،
پنهنجن ڏي آ رغبت منهنجي.

•••

پنهن جن ساڻ پيار ڪريان ٿو،
غيرن سان تڪرار ڪريان ٿو،
سنڌ ۾ ڏاريا چانيا تن جي،
مارڻ جو اقرار ڪريان ٿو.

•••

سنڌ ۾ سيئي سنڌي آهيون،
پنهنجن سان ٿا نينهن نيايون،
دشمن جي لئه ٻارڻ ٻاريون،
سنڌ مان غير غدار ٻجايون.

•••

امرتا ڏني آهه، سهڻيءَ ڪهڙي ڪي،
اهو ڪيئن سمجهايون هن بي وڙي ڪي،
دفن ٿيل هي سڀ ڪجهه هو تهذيب سنڌ جي،
اجاگر ڪيو ٿئون موهن جي دڙي ڪي.

ايا تون پائڪي ڪيسين پيو ڏاريون سڏائيندين،
وطن سنڌ ۾ رهي، سنڌي سڏائڻ عيب سمجهين ٿو!
اگر سنڌ ۾ اٿئي رهشو ته سنڌ ڪي ڳاء، سنڌي ٿي،
عجب آ سنڌ جو ڪائي، تون ڳائڻ عيب سمجهين ٿو!

•••

ڪهڙا ئي ڏينهن من مستيون ڪيئي خاموش رهياسون،
اڙي موڪا توڪي مهمان سمجهي ڪين ڪچياسون،
چيوسين نيڪ ٿي ويندين، مگر نيمڪ حرام آهين،
نه تنهنجي دال ڳرندي جي ڪري للڪار اٿياسون.

•••

بي دردن سان درد نه وندجي، بهتر ڳالهه!
بي سمجهن سان ڳالهه نه ڪيجي، بهتر ڳالهه!
ڪيڏا ڇُوها، ڪيڏا پربت، ٽٽي پون،
سچ ۽ حق جي راه نه ڇڏجي، بهتر ڳالهه!

•••

علمبردار نڪري پيا وري تهذيب ڀهراڙي،
لني ڪپڙي ڏسو تنڪي، پيا ڪن عيش منجهه ماڙي،
ٻڌايو فعل ۾ پورا نٽا نڪرو، ايا تائين!
اکر دل سان لڳئه شايد وڃائين پيو تڏهن تاڙي.

سنڌ ادبي اڪيڈميءَ جا ڇپيل ڪتاب
گڏيل ڪتاب ونڊ سان رعايت

1.	سانجهي سمنڊ سپون	شيخ اياز	125-00
2.	ڪتين ڪر موڙيا جڏهن-3	شيخ اياز	100-00
3.	ادبي تنقيد، فن ۽ تاريخ	ڊاڪٽر فهميده حسين	100-00
4.	وڏا ونڊ وڻڪار جا	شيخ اياز / تاجل بيوس	100-00
5.	وڏي وٽ هٿام	ڪامريڊ سوبو گيانچنداڻي	100-00
6.	ڪئي نہ ويجهو ٽڪ مسافر-3	شيخ اياز	120-00
7.	جي تند برابر توريان	شيخ اياز	100-00
8.	ڪبير	نارائڻ شيام	40-00
9.	شاهہ جي شرح	فقير يار محمد	80-00
10.	تيرهون سج	امرتا پريتم/ستار	70-00

گهرائڻ لاءِ پتو:

سنڌ ادبي اڪيڈمي

مزنين فلور، پارس ميڈيڪل سينٽر،

فيصل پلازه، مبارڪ شهيد روڊ،

ڪراچي.

فون: 7782597

الا مان اڏري ويندو سانءِ * منصور ملڪ * ڪتاب 11 * سنڌ ادبي اڪيڈمي ڪراچي



فقير طبيعت، معصوم، پيدائشي صوفي لا ڪوفي، سندس موجود گي ۾ ڪچهريءَ ۾ عجيب سرور، ڪڏهجي ته زمان ۽ مڪان جو احساس ئي نه رهي. شاعريءَ مان سندس سادگي، معصوميت، بي ساختگي، سچائي ۽ عاشقي جهلڪي پئي.

- ڊاڪٽر سليمان سولنگي

سچاٽپ

- نالو : ڈاڪٽر عبدالقيوم ولد حاجي ماستر محمد بچل ملڪ
- ادبي نالو: منصور ملڪ
- جنم جو هنڌ: پڊ عيدن شهر ضلع نوشهرو فيروز ،سنڌ
- جنم جي تاريخ: 25 مارچ 1952ع
- علمي لياقت : (1) M.B.B.S - 1978ع
لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو/ حيدر آباد
(2) Ph.D - 1985ع تاشقند اسٽيٽ ميڊيڪل انسٽيٽيوٽ - USSR

ملازمت : سينيئر اينيستيٽسٽ - سوپراج ميٽرنٽي هوم، K.M.C، ڪراچي .

ڪتاب: پهريون

پتو: A-410 ، رينو سينٽر، رينڊل روڊ ، نزد انڪل سيريا اسپتال، ڪراچي.

پڑھندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ جڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَڳهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڑھندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑھندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑھندڙ نسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن کو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ جاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ جاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَـنَ ساوا، ڳاڙهـا، نيـرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڑھندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَـنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَڻُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَـن پـاران ڪتـابن کـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن کو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پڑھندڙ نَسُل . پ ن The Reading Generation

پَڻ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ ڪُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَڄي، هي بَم- گولو،

جيڪي به ڪٽين، جيڪي به ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ به بَمَ جو ساڻي آ،

جنهن رِڙَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏُ ۽ چَمَ جو ساڻي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون پاکي پائي چيو تہ ”منهنجا پاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ ايار (ڪلهي پاتم ڪينرو)

پڙهندڙ نَسُل ـ پ ن **The Reading Generation**